# سنڌي شعر جو انتخاب

( ١٩٤٧ ع ٽائين )

انتخاب ڪندڙ

رام پنجواڻي

Gul Hayat Institute

ساهتيه اڪادمي، نئين دهلي

# سنڌي شعر جو انتخاب

( ١٩٤٧ تائين )

Gul Hayat Institute

Paper used for the printing of this book was made availble by the Govt. of India at concessional rates.

Gul Hayat Institute

# سنڌي شعر جو انتخاب

( ١٩٤٧ ع کانپوءِ )

انتخاب ڪندڙ

رام پنجواڻي

Gul Hayat Institute

ساهتيه اڪادمي ، نئين دهلي

*Sindhi Shair Jo Intakhab* (an Anthology of Sindhi Poetry up to 1947) compiled and edited by Ram Panjwani. Sahitya Akademi, New Delhi, 1976. Price Bs. 12/-

حق واسطا
ساهتيه اڪاڊمي

پهريون ڇاپو ١٩٧٦

ملڻ جو هنڌ
**ساهتيه اڪاڊمي**
رابندر ڀون، فيروز شاهه روڊ، نئين دهلي ١١٠ ٠٠١
بلاڪ V - بي، رابندر سروور اسٽيڊيم، ڪلڪته ٧٠٠ ٠٢٩
٢١، هيڊوز اسٽريٽ، مدراس ٦٠٠ ٠٠٦
١٧٢، ممبئي مراٺي گرنٿ سنگرهاليه مارگ،
دادر، بمبئي ٤٠٠ ٠١٤

Gul Hayat Institute

ڇپيندڙ
سنڌ پرنٽنگ پريس، ڪيسر گنج، اجمير
قيمت [redacted] رپيه

# فهرست

مهاڳ

## انتخاب

### شاعر

١ - قاضي قاضن (قاذن) سيوهاڻي ١
٢ - شاه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو ٢
٣ - شاه عبداللطيف ڀٽائي ٤
٤ - ميان سرفراز ڪلهوڙو ٢٥
٥ - روحل صوفي ڪنڊڙيءَ وارو ٢٧
٦ - عبدالوهاب ”سچل“ دراز ٣٠
٧ - ثابت علي شاه ٣٦
٨ - چين راءِ بچومل ”سامي“ شڪارپور ٣٨
٩ - ڀائي آسرداس ”آسر“ ٤٨
١٠ - دلپت راءِ صوفي سيوهڻ وارو ٥٠
١١ - حفيظ لعلو ٥٥
١٢ - خليفو گل محمد ”گل“ هالن وارو ٥٧
١٣ - قادر بخش ”بيدل“ روهڙيءَ وارو (سائين وڏو) ٦٠
١٤ - محمد محسن ”بيڪس“ (سائين ننڍو) ٦٣
١٥ - عبدالحسين ”سانگي“ (ٽالپر) ٦٥
١٦ - قليچ بيگ ”قليچ“ (مرزا) ٦٩
١٧ - ليلارام سنگهه ”خاڪي“ ٧٢

Gul Hayat Institute

# فهرست


مهاڳ

## انتخاب

### شاعر

| | |
|---|---|
| ١ - قاضي قاضن (قاذن) سيوهاڻي | ١ |
| ٢ - شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو | ٢ |
| ٣ - شاهه عبداللطيف ڀٽ ڌڻي | ۴ |
| ۴ - ميان سرفراز ڪلهوڙو | ٢٥ |
| ٥ - روحل صوفي ڪنڊڙيءَ وارو | ٢٧ |
| ٦ - عبدالوهاب "سچل" دراز | ٣٠ |
| ٧ - ثابت علي شاهه | ٣٦ |
| ٨ - چين راءِ ٻچومل "سامي" شڪارپورو | ٣٨ |
| ٩ - ڀائي آسرداس "آسر" | ۴٨ |
| ١٠ - دلپت راءِ صوفي سيوهڻ وارو | ٥٠ |
| ١١ - حفيظ لعلو | ٥٥ |
| ١٢ - خليفو گل محمد "گل" هالن وارو | ٥٧ |
| ١٣ - قادر بخش "بيدل" روهڙيءَ وارو (سائين وڏو) | ٦٠ |
| ١۴ - محمد محسن "بيڪس" (سائين ننڍو) | ٦٣ |
| ١٥ - عبدالحسين "سانگي" (ٽالپر) | ٦٥ |
| ١٦ - قليچ بيگ "قليچ" (مرزا) | ٦٩ |
| ١٧ - ليلارام سنگهه "خاڪي" | ٧٢ |


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| ۱۸- مصري شاه | ۷۴ |
| ۱۹- سائين ٽڪمداس "ٽڪون" لاڙڪاڻي وارو | ۷۵ |
| ۲۰- شمس الدين "بلبل" | ۷۶ |
| ۲۱- ڪشنچند تيرٿداس "بيوس" | ۷۸ |
| ۲۲- غلام نبي آغا "صوفي" | ۸۲ |
| ۲۳- نواز علي جعفري "نياز" | ۸۳ |
| ۲۴- سوڀراج نرملداس "فاني" | ۸۸ |
| ۲۵- حيدر بخش جتوئي "حيدر" | ۹۰ |
| ۲۶- ليکراج ڪشنچند "عزيز" | ۹۵ |
| ۲۷- پرسرام "ضيا" | ۹۸ |
| ۲۸- سگن آهوجا "سگن" | ۱۰۳ |
| ۲۹- هوندراج ليلارام "دکايل" | ۱۰۴ |
| ۳۰- ڪيولداس بيگواڻي "فاني" | ۱۰۶ |
| ۳۱- رام پنجواڻي "رام" | ۱۰۸ |
| ۳۲- ڏيونداس ڪشناڻي "آزاد" | ۱۱۰ |
| ۳۳- هرومل سدارنگاڻي "خادم" | ۱۱۴ |
| ۳۴- ڀيرو چڳاڻي "وفا" | ۱۱۶ |
| ۳۵- هري دريااڻي "دلگير" | ۱۱۹ |
| ۳۶- نارائڻ "شيام" | ۱۲۲ |
| ۳۷- شيخ مبارڪ "اياز" | ۱۲۴ |
| ۳۸- ارجن "شاد" | ۱۲۵ |


Gul Hayat Institute

# سنڌي شعر جو انتخاب

سمن جي دور ۾ ساموئيءَ جا ست بيت هٿ اچن ٿا. تاريخ نويسن جو رايو آهي ته انهن ستن بيتن سان سنڌي شعر جي شروعات ليکڻ کپي. منهنجي ويچار موجب اهي بيت لوڪ ساهت جي حيثيت رکن ٿا. پر انهيءَ هوندي به انهن بيتن کي بنيادي اهميت آهي ڇو ته اسان کي خبر پوي ٿي ته اوائلي سنڌي بيتن جي صورت ڪهڙي هئي ۽ ان زماني ۾ ٻوليءَ جو رنگ ڪهڙو هوندو هو.

سمن کان اڳ سومرن جي راڄ ۾ جيڪو ذڪر دودي چنيسر يا نور اسماعيلي پرچارڪن بابت ٿيل آهي تنهن لاءِ کوجنڪن جا الڳ الڳ رايا آهن ۽ هو ڪنهن قطعي فيصلي تي پهچي نه سگهيا آهن ته اهي ان وقت جا بيت آهن يا نه. تنهنڪري سنڌو ساموئي يا ساموئيءَ جا بيت ئي هن مهاڳ ۾ حوالي طور پيش ڪجن ٿا. ساموئي يا ساموئيءَ وارن بيتن ۾ معمائون يا ڳجهارتون رکيل آهن. اهي ٻن درويشن جون اڳڪٿيون ڪري ليکيون وڃن ٿيون. ساموئيءَ جا ست بيت هي آهن:-

١- هاڪ وهندو هاڪڙو، ٻڌندي ٻڌ اروڙ،
ٻڌ، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي.

٢- وسي آر، جهڙ وسي تسو،
ٽلهه ٻاروچاڻو ٻار، [illegible] وڃبو.

٣- ڪاري ڪا ٻاري، ڇيڙو لڳندو ڇڇ ٻرو،
مرمڇي ماري، سک وسندي سنڌڙي.

Gul Hayat Institute

(٨) پاڻي ڪان ڪمان ۾، ميان! مارِ ۾ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تهجو تني توکي لڳي.

(٩) عشق نه آهي راند، نه ڪي ڪِسِ ڳيرو،
جي جُثي ۽ جانِ جي، پهچي جو هيڪاند،
بِسي نيري پاند، اچل له اڌ ٿيمي.

(١٠) اجا تو منجهاه، ڪَڪَ چتي رَتَ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪري جهليند بس گهاء؟
سو تون ڪجاڙ لاء، سڪا جون سڌون ڪرين؟

(١١) آڳا چندن ۾ چوء، چندن ... وسار،
انٿي پهر ادب سين، بر اعمالي پار،
پاسو منهن مون ۾، غربت سان گذار،
مفتي منجه وِهار، نه قاضي ڪاليارو نه ٿيين.

(١٢) ڪٿي ... مان، جان ڪياڙون ناز،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏهڪندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

(١٣) جيڪي منجه جهان، سو تاري ڳجي ٻجهي،
لطف جي لطيف چي، تو وٽ ڪمي ڪان،
عدل چتان آن نه، ڪر قيرو ڪج فضل جو.

Gul Hayat Institute

(١٤) ساري راتِ سُبحانُ، جاڳي جِن ياد ڪيو،
اِن جي عبداللطيفُ چي، مِٽي لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪِن سلامُ، آئِهِ اُچِئو اُن جي.

(١٥) آڌو ڄِڪِڪُ چارُ، مُهجي موج نه سهي مَڪُڙي،
ميڙي مَناهِنِ جو، ڪيدِ چارِ هيمِ بارُ،
چَوَٺ چارو ناهِ ڪو، بَدِيوُن بيشمارُ،
ڪَپُرُ ڪارونيارُ، اُڪارين اِحسانَ سين.

(١٦) سيئي سُبحانَ جي، ڪر حوالي ڪَمُ،
لِي تحقيق تسليمُ ۾، لاهي غَمُ وَهَمُ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمُ، حاصُلُ ڪري حاجَ لو.

(١٧) ڇِڱَن ساڻُ ڇِڱائيُون، اِن نسيڪو هوءِ،
لوِجِهُ ڪري نه ڪوءِ، ٻُڇِن ساڻُ ڀلائيُون.

(١٨) اَکِهِئو ڪانو ڪَنجُ، ماڪِن موٽ نه ڏي،
ڀَلهُ ڀاهو سَچُ، آچِيندي لَڄَ مَران!

(١٩) وِنا سي ولجهارَ! هيرو لعلُ وِلڌين جي،
لَنين سَندا پوتيان، سيهي لهَن نه سارَ،
ڪُتِن کُتِ لهارَ، هاٿي اُلين پيٽِين.

Gul Hayat Institute

(٢٠) ماڻڪ منڊ هٿا، پيتيءَ ۾ پورا ڪئو،
سچو لعل، سيد چئي، لهي لک سوا،
ڳڻي ڳڀاڻا، پد مان ٿي پري ڪئو.

(٢١) اُڀون لڙ پوڄين، وهون وڻجارن جيئن،
آڻيو اکا ڏين، ڪٿوري، سمونڊ کي.

(٢٢) وڻجاري جي ماه! وڻجارو نه پليين؟
آيو بارهين ماه! هڙ تو سفر سنهي!

(٢٣) دهشت دمّ درياهَ ۾، جت جاهون جانارن،
تڪو سندو سير جو، مٿپ نه ملاحن،
درندا درياهَ ۾، واکا ڪِٿو ورن،
سچا بيڙا بار ۾، هلڻا هيٺ وڃن،
پورو پٽدا نه ٿيي، تختو منجها تن،
ڪو جو قهر ڪُن ۾، وٺا ڪين ورن،
اَلي اَٽنارن، ساهڙ! سير لنگهاءِ لون.

(٢٤) جا هڙ اندر جيّ، ساهڙ ڏني ساهَ کي،
سا هڙ ڇوڙي نه ساهَ جي سا هڙ ساهڙ ريّ،
ساهڙ ميڙ، سميع! لا سا هڙ ڇوڙي ساهَ جي.

Gul Hayat Institute

(٢٥) جَرَ ٿَرَ لِڪَ لَوارَ، وَ ٻِرڪَ واڻي هيڪڙي،
سَيئِي شيءِ لِٽا، سوُرِيَ سَرا وارَ،
هَمَه مَصوُرَ هَزارَ، ڪَهڙا چاڙهِيو چاڙهِئين؟

(٢٦) جي لو بيٺ پاڻيا، سي آهِون آهِينِ،
نِٿو مَنُ لائِينِ، پِرِيان سندي پارَ ڏي.

(٢٧) سا هَٿُ سا سوُهِٽِي، سائُر ٻُرِڪ سوئِي،
آهي ٻُجهوئِي، ڳُجهُ ڳجهاندَرَ ڳالهڙِي.

(٢٨) پيهي جان پاڪَ ٿِئي، ڪِيَمِ رُوحَ رِهاڻَ،
تان تڪو ڏوُنگرُ ڏِيهَ ٿِئي، تڪا ڪيچِيِنَ ڪاڻِ،
پُنهوُ لِيڙَس پاڻِ، سَسُئِي، تان سوُرَ هَٿا.

(٢٩) مَرَڻا اڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نه ماتِ،
هُندا سي حَياتِ، جِئِڻا اڳي جي جِئا.

(٣٠) ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ؟ مُهجو ڏِيهُ ڏِنگو ٿِيي!
آتِنِ، او نِيرِڙِنِ جي ڇا وِهِٽوُن وَيرَ؟
هِيَ ڪميٽي ڪيرَ جا اُمر کي آڏِي ڦِري؟

(٣١) دَيسي سيڻ ڪِڄِنِ، پَردَيسي ڪِهڙا پَرِوارِنِ؟
لَڏِيُو، لاڏُوڻا ڪِئو، پيڄي دَيسِ وَڃِنِ،
پُڄاڻا پِرِيَنِ، ڪِجي بَسِ پَيوَرَ ڪان.

(۳۲) سَمَرُ جنين نه ساڻُ، هوتُ حِمالي تَنِ جو،
ڪَري ڇپڙيءَ ڇَپَر ۾، پُنهوءَ ايندو پاڻ،
لِيندي رِنجهه رِهاڻ، لحظي مَنجهه، لَطِيفُ چئي.

(۳۳) حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي، جي ظاهِرُ ڪِريان ذَرِي،
لڳي ماڻ مِروَنِ کي، ڏونگرَ پوَن ذَرِي،
وَڃِنِ وَڻَ ٻري، اُوٻَرِ اُٻِري ڪِينَ ڪَي.

(۳۴) ڏُکَ سُکَنِ جي سَوَنهَ، گهورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جَنِين جي وِرُوَنهَ، سَهَڻُ آهيو مان ڳَري.

(۳۵) ڏوريان، ڏوريان، مَ لهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَن اَندرِ جا لوچَ، مَهَڙِ مِلَڻَ سان ماٺي ٿِيي.

(۳۶) مِٺي مَٽي جي هُئا، تَنِ ڇَنِ ڦيرِيُسِ چِٽُ،
هارُ ڪَندِيَس هوڏ ۾، نيهَنُ ٿَندُمِ نِتُ،
ڪونَرُوءَ جو ڪِرِتُ، مُنها مَٿاهون ٿِيو.

(۳۷) اَلا! ڏاهي مَ ٿيان! ڏاهيون ڏُکَ ڏِسَنِ،
مون سين مون ٻِرَهَنِ، ٻورائِيءَ ۾ ٻالَ ڪِئا.

(۳۱) جي ليلائي نه لهين، ته پُڻِ ليلائيج،
اُسَرَ مَ لاهيج، سَجَڻُ ٻاجهندڙ گهڻون.

(٣٩) ڇڙا گلَ گلاب جا، لوڙا مٽين وسَ،
چونڊا ليلَ چنبيليءَ، هاها! هو! همیشَ؛
پسڻو سنڌ، سبزُ چئي، نيهَ اڇن نيش،
لالن جي لبيس، آڻِ اکرُ نه اُجهي ۔

(٤٠) ونڌو وڇڻ وات، ڪنڌُ م ڦيرج ڪنهن ڏهن،
لوڏي ڦيرَ لپاٽ، لڳنديءَ، لطيفُ چئي ۔

(٤١) مون گهر اڄي جي ٿيي، مٽڌرو مهماڻ،
آڻي جهوڪيان آگ ۾، ڇيري وجهان جاڻ،
لاٽي ٽنڊورن ۾، پيري هٿان پاڻ،
پڪن سونو ٻاڻ، گهر لڙ گهوريان پرلان ۔

(٤٢) شمع ٻاريندي شبَ، پره ٻاڪُون ڪيڏيون،
موتَ، مران ٿي، ميڏرا! راڻا! ڪارڻ رَبَّ،
ٿيڏي لائق طلبَ، ڪانگ اڏائيم ڪاڪ جا ۔

(٤٣) ڪتن ڪڪر مرڙتا، نيڙو آيا ٿيئي،
راڻو راتِ نه آئيو، ويڪَل ٽري ولئي،
ڪوء سا ڪاٽي راتڙي! جا پرين ري پيئي،
مون کي ڏنءَ ڏيئي، وڃي ٻولو ٻمت قرار ٿو ۔

(۴۴) ڪيڏاهَ ڪاهِيان ڪَرَهو؟ ڇوڙِس ڇِناٽو،
مَنجهِين ڪاڪ ڪڪوري، مَنجهِين لُنڊاٽو،
واٽو ۽ واٽو، رِيَ واٽي ٻِيو ناهِ ڪو.

(۴۵) ايَّ نه ماڻُنِ رِيتِ، جنهن سيڻَ مَٽائِن سونَ لَءِ،
اَچِي عُمَرُ ڪوٽَ ۾، ڪَندِ نَسِ ڪانَ ڪُرِيتِ،
پَکَنِ جي پِرِيتِ، ماڙِيَ سين نه مَٽِيانَ.

(۴۶) واجهائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
بَسُ مُهِجو بَندَ ۾، قيدِ مَ ڪَرِيجاهُ،
پَرَڏيهياڻي پِرِيَ رِي، ڊارَ م ڏُرِيجاهُ،
ٿَڌِي وَسائِجاهُ ٿَرَن جي، مِٽِي مُٺَّ مَتاهُ،
جي پورِيُون لَٿِي پساهُ، تَ نِجاهُ مُڙهُ مَلِيرَ ڏي.

(۴۷) سَنهِيَ سُٽَءِ سِيبيو، مُون ماروءَ سين ساهُ،
وِڇِي سارِينِانِ، سُوَمَرا! گولاڙا ۽ گاهُ،
هِيئُون مُهِجو هُتِ لَٿو، هِتِ مِٽِي ۽ ماهُ،
پَکَنِ مَنجهه پساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽَ ۾.

(۴۸) جَهَرَ ۾ سِپُون جِينءَ، آهِنِ اَٻَرَ آسَري،
جنهن ڪُنجُون سارِنِ روهَ کي، مُون تَنَّ اَندَرِ لِينءَ،
هُتِ وِڌا وَچَڪَ جا، هِتِ نه پاليمِ هِينءَ،

ڪوٺين وهان ڪينءَ، جي نظر بند ٻاٽي نه هئان؟

(٤٩) جي لوڙ لڳن لائين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪو اڳي نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهوار سين.

(٥٠) ڪارڙون، ڪوجهڙون، ڪوڙاڙون، مور نه موچارڙون،
وٺي وينيون واٽ تي، ڪڪي جون ڪارڙون،
انين جيون آرڙون، سمي ري ڪير سهي؟

(٥١) مهاڻي جي من ۾، نه ڪيمرٿ، نه ڪاءِ،
ليٽي سين ناز ڪري، رِجهائين راءِ،
سمون سين ملاءِ، هيرائين حرفت سين.

(٥٢) الله جي آس ڪري، هلئو هٿائين،
چارڻ ٻڌا چنگ ڪي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏنائي راءِ ڏياچ جي، ڏورا ڏنائين،
وهنتي واحد ڏر، لنو واءِ ڪنائين:
"سڀاجها سائين! راءِ رجهائين راڳ سين".

Gul Hayat Institute

(٥٣) لاڻ نه آهي لنڊ جو، رون رون ڪري راز،
هٿڙ سعدا هٿڙا، سيکو چڻي ساز،
ست ڏٺي شهباز، لڳي نه توڪ پرائين.

(٥٤) پرديسا پنڌ ڪري، سٺي آهِس شان،
مَڱڻان ڪِهڙي مت سين؟ پِسورو نادانُ!
سو ڪو ڏيارين ڏانُ، جو طمع کي ترڪ ڪري.

(٥٥) ٻاٽي ٻت ڪٺا، مون لاءِ مُورِ نه مڱڻو،
نازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا،
هائي ڪارڻ هيڪڙي، آڻ ڪا لڏ هٽان؟
جا مٿي لو مٽا، ته سر جو آهيان سيڪڙو.

(٥٦) وڃ سُرِ لئي سرهو، مَ ڪي آءُ، مَ ڳاءُ،
جاجڪ! لو مٽاءِ، مُلڪ مڙوئي گهوريان.

(٥٧) گهوڙن ۽ گهوٽن، جيڻ تورا ڏيهڙا،
ڪٿ منجهه ڪوٽن، ڪڏه واهي رڻ جا.

(٥٨) سورهه! مرڻ سوڀ کي، ته دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا، وڙهه ٻاڪرين، آڏي ڀال م ڀار،
مٿاءِ تيغ تڪرار، مار ته مٽارو ٿيين.

(٥٩) سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرڪ، مينهون،
آڙهون ابر آسري، لاڙا لوارين،
سپون جي سمونڊ ۾، نٽي سج نهارين،
ٻلر ٻيارين، نه سگهارن سُڪ ٿيي.

Gul Hayat Institute

(٦٠) اَڄُ وَسِيلا رَنگ، بادَل ڪَڍيا ٻُرُجَن سين،
سَاز، سارَنگيُون، سُرَندا، وَڄائي تُرُ چَنگُ،
صرحاڻيُون سارَنگ، پَئِيُون راڳِ پَڌامَ ٿي.

(٦١) موٽي مانڊاڻ جي، واري، ڪِيائين وارَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون چَوڌس ٿي چوڌارَ،
ڪي اُٿِي هَلِيُون اِستنبولَ ڏي، ڪي لَهِيُون مِغرِب پارَ،
ڪي چمڪَنِ چينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرقَندَ سارَ،
ڪي رُمِي وِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندَهارَ،
ڪي دِلِّيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ،
ڪَهِين جُنبي جيسَلمير تان، ڌَنا ٻِيڪانيرِ ٻڪارَ،
ڪَهِين ڀُڄ ڀڄائِيو، ڪَهِين ڍَٽَ مَٿاهِين ڌارَ،
ڪَهِين اَچِي عُمَرڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائِيمَ! سَدائِي ڪَرِين، مَٿي سِنڌ سُڪارَ،
دوسَ! مِنا دِلدار! عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

(٦٢) حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگ ساتَ ڪَڄَنِ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، نَہ نَہ ميهَہ نِمِن،
جِن مُهانگو لَهي مِڙِئو، سي ٿا هَٿَ هَڻَن،
پَهڄَن مَنجها پَنڌَرَه ٿِيا، اِي ٿا وَرَق وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏِٺَن مان، شَلَ مُوڌي سَڀُ مَرَنِ،

Gul Hayat Institute

وري وڏي وس جون، ڪيئون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چي سيئن، آهه لوهه لٺجي اسرو.

(٦٣) اکين ۾ ٽي ويهه، نه آئون واري ٻڪٽا،
لوڪي ڏسي نه ڏيه، آئون نه پسان ڪي پرو.

(٦٤) اسين ٻڪون جن کي، سي لا اسين پاڪ،
هائي وڃ گمان، صحي سڄالا سپرين.

(٦٥) لاڻ پر نه ايمان، جنهن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا ٿيهجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
مڻ ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.

(٦٦) ڪوڙو لوڻ ڪفرسين، ڪافر ۾ ڪوڻاه،
هندو هڏ نه آهين، جٽيو لو نه جڳاه،
تلڪ لئين ڪي لاه، سڄا جي شرڪ سين.

(٦٧) تن تسبيح، من مڻيو، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جيئون، وحدت سر وڄن،
وحده لاشريڪ له، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي جاڳن، ننڊ عبادت ان جي.

(٦٨) ٻهائين ڪان نيڻ، سڪ، مهجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهه، پهر پاڪ نه نڪري.

Gul Hayat Institute

(٦٩) هون سي ڏِلا ماهه! جَنِين ڏِنو ڀِرِيَ کي،
ڪري نه سگهان ڪا، اُنِين سَندي ڳالڙِي.

(٧٠) ڪي اوڏائي ڏُورِ، ڪي ڏُورِ به اوڏا سُپرِين،
ڪي سَنيرِ جَنِ نه ڪَڏهِين، ڪي نه وِسرَن مُورِ،
جِنهِ مِيهِ ڪُندِيَ پُورِ، لِنءِ دوسَ وراکو دِلِ سين.

(٧١) ڪَڏهِ طاقيُون ڏِين، ڪَڏهِ ڳُلَن دَرِ دوسَ جا،
ڪَڏهِ اَچان، اَچُڻُ نه لَهان، ڪَڏهِ ڪونيو نِين،
ڪَڏهِ سِڪان سَڏَ کي، ڪَڏهِ ڳجهاندُرُ گَرَهِين،
اِهڙائي آهِين، صاحِبَ مُهجا سُپرِين.

(٧٢) لاز مَنجهارا نِڪري، جاڙهِ پِري ڪري لو پَنڌُ،
پُونِ پرِڻ ”بِسمِ اَللّٰهَ“ چَئي، راهَ ڇُهي ٿي رَنڌُ،
اُپِيُون گهٽي اَدَبَ سين، حورُون حَيرَتَ هَنڌُ،
سائِينءَ جو سوگَنڌُ، ساجَنُ سَيَنيان سَهٽون.

(٧٣) جي پائِين جوڳي ٿيان، لَه طَمَعَ ڇڏِ اَمامُ،
گولا جي گولَنِ جا، تَنِ جو ٿِي غُلامُ،
ضَمرَ جي شَمشِيرَ سين، ڪَرِ ڪيهي کي قتلامُ،
لَه نانگا! تُهجو نامُ لِکجي لاهوُتِنِ ۾.

(٧٤) اَڄ نه اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَوارِينِ،

آڌِسي آئي وِئا، مُڙهيُون مُون مارِيُنِ،
هوُ جي جِيُّ جيارِينِ، سي لاهوُتي لڏي وِئا.

(٧٥) ٻُکَ وِڌائون ٻُکِرِيُنِ، جوڳي کندا جُڄَ،
طَلَبَ نه وَٺَنِ طَعامَ جي، اولِٽو رِهَنِ اُڃَ،
لاهوُتِنِ، لطيفُ چئي، مَنُ ماري ڪِئو مُڃَ،
ساميءَ جهاڳي سُڃَ، وَسَنءَ کي وِڇُها ٿِئا.

(٧٦) ڳُلَ ڳَلَ پَسي ڳوڙِها! ڳُهِٽا مَ ڀانئِجِ،
سوئي سَڃاڻِيجِ، هِيُّ هوُ آهي هيڪڙو.

(٧٧) چاوِتِ پائي چِٽَ ۾، سَنهو ڪِتو جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، ڏُکو داخِلُ نه ڪِئو.

(٧٨) مَحَبَّتَ پائي مَنَ ۾، رانديا وِڙِيا جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، اَڻ تورِيو ئي اَگهائِيو.

(٧٩) جا سَنهو نه سِکي، سا مَٽُ رانديائي روڙي،
سُتَ تَنهِين جو سَڦِرو، وِئا اُسرازي توري،
تُلهي ۾ توري، وِهجاري سان وَڙُ ٿِئو.

(٨٠) چَرِکو ٻَهجي چِتَ ۾، پِڻي پيرِلو جَنِ،
لوڙهي کي نه ڪِنِ، لَپِ ڪانڌُ تَنهين جو ڪوڏِلو.

(٨١) ڪَڏي ڪانگا! لـو ڏِٺان، هيڻون ساڻُ هَٿَنِ،
وڃي ڪاءِ وِلاتِ ۾، اَچِيان عَجِيبَنِ،
پِرِيِن مانَ چَوَنِ، لـه هِنءَ قُربانِ ڪَرَ ٿِي؟

(٨٢) ڪُتو هي ڪانءُ، پِرِيان سَعدي پارَ جـو،
اِنهِين مَٿان آنءُ، ڪوڙِيـن قُربانِي ٿِيان.

(٨٣) وِيا سورَ مَرِي، هَنجُ نـه رَهِيو هيڪَڙو،
وَطَنُ لُٽو ڏَرِي، ڪوڙِنِ ڪانئِرِنِ جـو.

(٨٤) سَرَ ۾ پَکِي هيڪَڙو، پاڙِهيرِي پَنجاهَ،
سَعدي آس اَللّهَ، لُڏي لهرِنِ وِچ ۾.

(٨٥) ڪَونرُ ٻاڙُون ٻالِرِ ۾، ڪَونرُ ٻِرِي آڪاسِ،
ٻِنهِين سَندِي ڳالَڙِي، رازِقَ آندِي راسِ،
لـه عِشقَ کي شاباس، جِـه مَحَبَّتي مِڙِئا.

(٨٦) ڏاتِ نه آهي ذاتِ تي، جو وَهي سو لَهي،
آرِيون آبوڄهِنِ جيُون، سَڀڙُ ڄامُ سَهِي،
جو راهُ وَٺِ واتِ رَهي، تِهِ ڄُکي ٿان نه ٿِيي.

(٨٧) ڄاڻِين ڪِينَ نه ڄاڻُ، اِيُ دَرُ اَبوڄهِنِ جو،
اِنَ دَرِ سَڀِي ٿِي آکِيا، جَنِ نه ڄاتو پاڻُ،

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

سو ڪِنءَ پَٽَ پَرَهيان، سومرا! گهورِئو عُمَرَ جو! آئون؟
مون مارُوءَ سين لڌيون.
ڪاچ ڪَتيونِ سَفرو، سَگُرَ ۽ سائُون،
مون مارُوءَ سين لڌيون.
ساڪِنءَ ڪالي ڪارڪون، جِنءَ ڪي ڏونرا ڏيئي ڏِنائُون؟
مون مارُوءَ سين لڌيون.
ڪِهَ، مانڌاٽُون، مکڙي، قوُتَ جَنين جو سائُون،
مون مارُوءَ سين لڌيون.
عُمَرَ لئي جور ڪري، جيلاهَ راج اُڳاهُون،
مون مارُوءَ سين لڌيون.

( ٥ )

چنڊ! تون آئون ڪا پاڻ وهيٺي آهيان؟ ڪا مون سار لهيجا.
جيڏاهِ وارِيئم سُپرين، پير اوڏاهين پاهان،
ڪا مون سارَ لهيجا.
قلمُ ڪاليبَ هَٿَ ۾، ڪِئن لِکئي مان لِکَ لاهيان؟
ڪا مون سارَ لهيجا.
واڳ ڏَٺين هَٿَ ۾، ڪيڏاهِ ڪَرَهَل ڪاهيان؟
ڪا مون سارَ لهيجا.
سدا سُپرينِ لَهه ويٺي، آئون ڪانگ اُڏاهيان،
ڪا مون سارَ لهيجا.

Gul Hayat Institute

ايسدا عَبۡدُاللطِيف چي، آس اميد نہ لاهيان،
ڪا مون سارَ لهيجا.

(٦)

جوڳي جَڳ ڳهٺا، لا! مون وهُ وهراڳن سين.
پاڇي ڪِنِ نہ پاڻَ سين، لَنبي منجهہ ڪٺا، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

جان ڪي ڏاٽيون ڏورِ ۾، جان ڪي ڪِينِ ڇٺا، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

وهني وانَڱ لي، پَنَنِ جيءَ پُٺان، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

سارِيو سَناسِنِ کي، وهني هَٿَ هٿان، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

آملِ! آديسن جا مون لي کُيرن ڳهٺا، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

آديون! عَبۡدُاللطِيفُ چي، مُحَبَّنِ منجهہ مٺا، آلا!
مون وهُ وهراڳن سين.

Gul Hayat Institute

# ميان سرفراز ڪلهوڙو

## مدح

۱. بسم الله، لکب الله، محمد شاه، ڪر نگاه،
منجهه درگاه، ڪم آه، مٿي راه رحمن سون:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن.

۲. مان جاهل، مان ڪاهل، مان ڪهر، ڪميڻون،
نه مون حال، نه مون قال، ڀلا ڀال، ڪرڻ لؤن:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن.

۳. آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سڏ، سڻج لؤن،
ڀيي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکين ڏاڻ، ڏکن لؤن:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن.

۴. سچار، ۽ موچار، جي مهدار، ليکيائؤن،
لن مڙن، ڀلارن، سندو شان، آهين لؤن:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن.

Gul Hayat Institute

۵. نه ڪا خلق، نه ڪي ملڪ، نه ها فلڪ، رمحؤن،
لنهنجي نور، جو ظهور، ڪيو آڳاٽو، سڀن کؤن:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن:

۶. ڀلو ڀرم، حيا شرم، ڀيي ڪرم، ڪميڻون،
مٿي وهر، لاهي غم، ڀؤرا ڪم ڪرڻ لؤن:
ڀلا ڄام، هن غلام، سندو سوال، سڻج لؤن.

۷. لکيا لَڪَ، لتا ٿڪَ، هلڻ حقّ گڏ ٻاسوُن،
سي الحال، منجهه وصالَ، اچي مڃ مليا سوُن:
ٻيلا ڄام، هون غلام، سندو سوال، سڻج لوُن.

۸. بسم الله، لڳ الله، ڪر نڪاح، پرڻن لاوُن،
آهم آس، لوڏهوُن خاص، ٻُد خلاص ڪرڻ موُن:
ٻيلا ڄام، هون غلام، سندو سوال، سڻج لوُن.

۹. ”سرواز“ آ اُداس، آهي آس، اوهان ڏون،
راه راس، ٻُد خلاص، حوالي خاص، ڏئين موُن:
ٻيلا ڄام، هون غلام، سندو سوال، سڻج لوُن.

۱۰. هيءَ مدح، لنهجي شاه، ڇم وصف وڪالڙوُن،
سڻي ٻاٽ، ڪمن ساٽ، ڏئين ڏاٽ، ڏاڏاٽڙوُن:
ٻيلا ڄام، هون غلام، سندو سوال، سڻج لوُن:



# روحل صوفي

١. جي لون صحيح سڃاڻين پاڻ، ته آلي قيمت سندو قطرو،
ڪوري ڪيڊ قلب مان، مُدائيءَ جو ماڻُ،
پَري نهارڻ پري، سندو جنءَ جاڻ،
ٻِمَ سائين، لوئي ساڻ، رالا ذيهان، روحل چوي.

٢. جي لڳو آهين تان لڳ، پريان سندي پيچري،
مَنَ ۾ محبوبَنَ جو، صحيح سڃاڻج سُڳ،
ڇڏي جُونو جُڳ، وڃي روحل! رچج رنگ ۾.

٣. پسڻ هڻ پرجهڻ پاڻ ۾، وڏو فرق فهم،
ڪاڏي منهن محبوب جو ڪاڏي اکر اسم،
ساڻ سهائيءَ سج جي، ڇا موافق ٿيندو ميم،
جن سهي سڃاتو پير، روحل! راس نه لن ڪي.

٤. ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرون آهنو پير،
هڪ هندو، ٻيو مسلمان، وچ وڏائون وير،
اَنڌن اونده نه لهي، لن ڪي سڄ چولدو ڪير؟
روحل! راه پرين جو، جان ڳِهڙي ڏنو سين گهير،
ته رب مڙني ۾ هڪڙو، جنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُنتي ڪعبه الله ۾؟

٥. نه مون سڌ نه سار، اڇي عشق آثار ۾ اوچتو،
روحل چوي: رُوح ۾، لن پرين جي پچار،
سي اَڳڻ آها سورين، ياد ڪريندي يار،
ترها نيڻن نار، ڏسي منهن محبوب جو.

٦. هٿن نہ جالم ڄاڻ، نہ ڪر وسي واڳڙي وچ ۾،
عشق جي اُهاءَ لي، اَچي ٻرندءِ ٻساهو ٻساڻ،
روحل! رنگ ٻسي ڪري، ڀڳو ممتا ماڻ،
سائين سدا ساڻ، بون اَهاڻي ڪي آسرو.

٧. ٻُڌان ڄاڻ ٻيهار، تان تون اکين کان ٻي اوڏڙو،
روحل! وسين روح ۾، وِيڪ نہ ڀانيان وار،
جنهن جو سڄ صبح جو، ڪري باغ بهار،
هي ٻيس نہ ٻانهجو، ماڻهئا! آتر وحدت جا ويچار،
دل ۾ ڪيا ديدار، عشق جنين اکين ۾.

٨. جن کي عشق اندر ۾، تن کي اَڄ نہ بک،
وحدت منجهہ وصال جي، تا سدا ماڻن سک،
ڏُور لنين تان ڏُک، جي روُحل! رتا روح ۾.

٩. وٽِجَ وِهائڻ ڪاڻ، ڇو وڃين ٻئي هَٽِ؟
لوڪي پٽ پٿهر پانهجو، وٽُجَ مڙئي وَٽ،
جنهن ۾ لڱو نيهن جو، سا ڪا ڪوٺي پَٽ،
محبت موُر مَ مٽِ، لوڪي سڪ مان ننڊ وسوجهرو.

١٠. بره ۽ بيراڳ جي، جن کي جُڙَ لڳي منجهہ جي،
سوجهي سڄ سرير مون، تن برهمين ڀالو ٻي،
مرڻ جنڪَ جو من مون، تن سامين لاٿو سي،
ناتہ نماڻا ٿي، وڃي روُحل! رتا رام سان.

١١. جي رَنگ رچي رام جي، لاهولي ٿيا لال،
سر ڏنائون ست ۾، ڪاڻا، ماڻا، مال،

وِيا لَن کان وسري، ڪونا سڀ خيال،
رات ڏينهان، روح چوي، واليءَ ساڻ وصال،
سڀ ناڻگا ٿيا نهال، جن درسن پاتو دوس جو.

۱۲. جي لن ۾ ليرت ڪن، سي گنگا وڃن نہ گوڏِڙيا،
لن سامين سندي سِڪ جا، تا دونهان دِل ڏکن،
پير سڄالو پِرَ جو، لوچي لاهوُتين،
لڱو رنگ، روح چوي، اندر آديسين،
ڪوچي ڪاهوڙين، وڃي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.

۱۳. ساڃهي ڪنڌ ڪمان ڪان، جن نهاريو ناسوت،
رات ڏينهان، روح چوي، ماڻين تا ملڪوت،
پُمر سڄاڻي پِرَ جو، جُتا ۾ جبروت،
جوڳي جفائون ڪري، لنگهي ويا لاهوت،
سي آديسي اَوَدوت، وڃي ناڻگا ڳڏيا ناٿ کي.

۱۴. جي ننگ چَڏي ناڻگا ٿيا، ڏن ناڻگن ڪهڙو ننگ؟
گنگا ۽ گرنار جو، لن سامين ڇڏيو سنگ،
نه ڪي واهن واهيون، نه ڪي چورن چنگ،
روح الا! لڱو رنگ، لن لاهوتين لتاءَ جو.

۱۵ ڪو پَنهُ پيو جوڳين، پُريا لنهن پار،
جتِ گنگا نه گومتي، نکو جوڳ جُهار،
نَه ڪو ذڪر نه فڪر ڪو، نڪا سڏ لدوار،
نه ڪا رات نه ڏِينهن ڪو، نڪا جيت نه هار،
پيهي لڌائون پاڻ ۾، اونهو جمع اَجهار،
لڱو رنگ، روح چوي، اُت آديسين اَپار،
جنهن جو آر نه پار، وڃي لِتِ ڪمائون لکيو.

Gul Hayat Institute

# سچل

## ڏوهيڙا

١. اَدَ ٻـوَن آدم نـاهيان، فلڪ لـه آ فلڪن ۾
خيالون اچـي اوچتي، خلل وڌو خلقن ۾
ناهي ميسر مَلڪن، سچل! اِها امانت عشق جي.

٢. اَول پيري پيچ، سچل! بند خيالات جا ۾
لَهِن پڇاڻــو وچ، حــلاّ جـي حيـرت ۾.

٣. بـزرگ شيخ مشائخ، يارو! نا مخدوم ٿيا ســي ۾
نڪي قاضي، نڪي مُـلا، معلم پير بڻيا ســي ۾
نڪي نـاهہ نڳي ۾ جا ناهي، رنـگ رساهہ رکيا ســي ۾
سچا! ٻاجهون عشق الله جي، ڪوئي همرنہ سکيا سي.

٤. نـوڙ رواج ۾ رسمون سارئون، مرد تنهن مردانو ۾
يار بيگانــو مول نـه جاڻين، آهين يار يگانو ۾
و نـفخت فيه مـن روحـي، بلڪل چڱ بهانو ۾
وَهم سچل! ڪيڏ پـاڻهـي وارو، شملو بڌُ شهانو.

٥. پــار پمهنجو پـاڻهي، صورت مڃهہ سُجاڻ ۾
'الله' 'الله' چو چونـن، يار نـي الله جـاڻ ۾
لون نَي ٻڌنديڙ، لون نَي ڏسنديڙ شاهِد، آهِ قران ۾
نـاهي شڪ گمان، سچو! سائين هيڪڙو.

٦. پير مُريد نہ ني لون هرگز، ماڻهِ موج مستاني ۾
مخدومي ۾ شيخي پيري، ڪام چڏي ڏي ڪاني ۾

پٽ دعا پاراڻي واري، ناهي راھ زباني،
هرهڪ پڙڪو پنهنجو رکي، سچل! ڪم آساني.

٧. جي نه جالو جاڻ، نه آءُ ڪو پيو آهيان،
ڪنده غرق گمان، سچو! ڳالها انهيءَ ڳالھ ۾.

٨. جپ صاحب جو جپ، نه ڳرلتي ڳُر ملنڻي،
قربانئي ڪپ مان، ڪُلفت پيو ڪپ،
واسِ لوڙي چپ، سچل! سائين سنگر.

٩. چاجو ڪمهر، چاجو ڦملو، هي پي سب بهانا،
ناقص نِيتَ ڪعبي واري، مرد گهمن مِنخانا،
سچل! سنگر انهن آکيو، حق لهن مستانا.

١٠. سچو! سائين همڪڙو، ناهي شڪ گمان،
پنهنجو تماشو پاڻ ڏسي ٿو، صورت منجھ سلطان،
ڪالي پڙهي ڳرنت پوٿيون، ڪاڻي پڙهي قران،
ڪالي عيسيٰ، ڪالي احمد، ڪاڻي هنومان،
حيرت ۾ حيران، پنهنجو وڏائين پاڻ کي.

Gul Hayat Institute

١١. قاضي! سچ چوان مان توکي، چڏ مسائل مصلا،
آءُ نه پيئون پڪ پرھي، مون نه تنهنجو لون ملا،
سچل! حق نه حاصل ٿن، جي راھ انهيءَ کان ٻلا.

١٢. ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مون ون مسلمان،
نڪي احمد موڪليو، عرب کان ايمان،
سچو! سو سبحان، عالم ليکي آدمي.

١٣. ڪلمو پڙهان ڪافر ٿيان، گهِران نه اِنهيءَ گهيرَ ع
جاڏي راهه رسول جي، تاڏي پايان نه پيرُ ع
جي مَنَ مان ڪڍان نه ميرُ، ته سچل! حضور حاصل ٿي نه ٿئي.

١٤. مذهبن ملڪ ۾، ماڻهو مُنجهايا ع
شيخيءَ، پيريءَ، بزرگيءَ بيحد ڀُلايا ع
ڪي نمازون نِوڙي پڙهن، ڪِن مندر وسايا ع
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

١٥. ماٺ ڪريان مشرڪ ٿيان، ڪڇان ته ڪافر ع
انهيءَ وائيءَ وَرُ، ڪر سمجهي سچيڏنو چوي.

# سارنگ

١. سارنگ سندا سات، سرليون سانڍ آهيون،
ڦيرهو راڳن ڀات، وڄن وهس وس ڪيا.

٢. اول آنڌي آني، پوءِ ان هئي برسات،
رعد جي رڙهن جي، پٽي نه هئي بات،
وڄارن ورن جي، وائي هُمَڙي وات،
مٿان وسڻ، هينان چڪڻ، سيءُ مينهون سپ رات،
پره ڦٽيءَ پرڀات، ڪڪڙان ڪانڌين گڏيون.

٣. ٻَهَڪ ٻَهَڪ ڪندا آيا، ٻهر ٻڪر والي،
ڪڪرن جي ڪڙڪات ڪان، ويا ٿهي مال،
آهن م اڃي پٽي، چونگس سندي چال،
منڊانتي منڊل ڪيا، جُرَ انا جال،
پَلَرَ سان ڀُسي پيا، ٻهوارن پلال،
جهري ٻييون جهوپڙن، جهانگيڙن اَجال،
تنگو ڪجهه نه نڌر ڪي، نماڻن ننگپال!
جن جا ههڙا حال، تن پرور پٽ رکيج لون.

٤. مِهَرَ سندا ميهن، شاه وسائين شل،
جهرپل منهنجي جهوپڙي، ٻنا جهَلي جهل،
ڪاهي لي ڪَهل، ڪندين شال ڪرم لون.

( ١ )

سچ تا مرد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي نه ٻٽي.

۱. سچ لئه پاڻ ڏٺيءِ پيدا ڪيو آهي،
اَنگ ته آدم جو ٻئي ڪنهن جوڙيو ناهي،
سچ چيو منصوُر، لِئي چڙهيو ڦاهي،
اهڙا يار پرهه جا پيو ڪٿي نه ڪٿي.

۲. سچ لئه مُرسي عجب مُجيب چيو،
اَنا احمد عين عجيب چيو،
اَسان لئه عام خاص نصيب چيو،
ڳٺي يار ولو پيو ڳٺي نه ڳٺي.

۳. نڪا عيب صواب جي جاءِ آهي،
نڪا نيهن ثواب جي راهه آهي،
اِهو لا عشق حسن هر جاءِ آهي،
جٽي يار ولو پيو جٽي لئه جٽي.

۴. سچ لئه سچل سائينءَ جي ڳالهه سچي،
مُٺي لئه محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي،
رنگ رمز انهيءَ ۾ ولو روُح رچي،
سڏڙا مالڪ سٽي پيو سُٽي نه سٽي.

( ۲ )

جوئي آهيان سوئي آهيان - هندو مومن ناهيان.

۱. نا مَين مُلان، نا مَين قاضي - نا مَين سبق پڙهايان.
۲. نا مين مسجد، نا مَين حُجرا - اَندر پير نه پايان.
۳. نا مَين ڪعبه، نا مَين قبلا - مڪي موُل نه جاوان.
۴. نا مَين سُنّي، نا مَين شيعه - سّيد ڪيئن سڏايان.

٥. نا مين ناٿڪ، نا مين اُچرڻ - گهگا موُل نـه جاوان ؛
٦. يار نه ميڏا ڏيس درازي - سچل نانو سڏايان .

( ٣ )

تون آهين صاحب صورت جو، هيءَ آهي غلام تنهنجو،
آهي ذوق شوق، سهڻا! مون کي مدام تنهنجو.
١. جي آهن اصل اوهانجا - سي نـه وسارجو، ميان!
مون لئي آهي مقرر - سائين! سلام تنهنجو.
٢. راتو ڏينهان رنو ٿي - هينئڙو اداس هيڙو،
رهبر آڻي رسائيو - پرينءَ! پيغام تنهنجو.
٣. دلگير تون متان ٿئين - ڪر دور درد کي، ميان!
آول آخر اسان وٽ - هوندو مقام تنهنجو.
٤. رد ڪر نه مونکي - اميدوار ٿي رهيس،
هت هيت پئين: چائيج - آهيان امام تنهنجو.
٥. تون آهين اصل اسانجو - آهيون اسين سي تنهنجا،
آهي قبول ڪُلّي - سچوُ! ڪلام تنهنجو.

## ثابت علي شاه

### سلام!

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان!
ڪيئن ڏنئه ايذن چاڙهيا شاهن جا سر، اي آسمان!
هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسيءَ جا جڙاءَ
هي رسول الله جا شمس و قمر، اي آسمان!
مرتضا مولا جا هي سر ساڻ ۽ منهن نور عين
فاطمه زُهرا جا هي جان و جگر، اي آسمان!
هن سرن کي نت نبي صلوات جا بخشيا ثواب
تن جي پارت ڪيائين با جن و بشر، اي آسمان!
جڏ علي اصغر ڏنئه تي تير سان رت ۾ بدل
چو نه اُن جي تير جي لون ڪنين سپر؟ اي آسمان!
جڏ ڏنئه عباس پياسن ڪاڻ پاڻيءَ لئي ڪٽو
ٽوڪي رنڊو هو، جي هو ٿو ۾ ڪڪر، اي آسمان!
منهن ڏنئه اڪبر جو هو ساڳيو مثال مصطفيٰ
ڪيئن ڏنئه نيزي تي پنهجي رت ۾ تر، اي آسمان!
سر حسين ابنِ علي هو سڀ جي اڳ ۾ نيزه سر
پر ۾ پاڻ پاڻيا ۽ سڀ جگر، اي آسمان!
سر هليا نيزي چاڙهي تن شام ڪيو پنهنجو سفر
اُن پٺيان ناموس قيدي همسفر، اي آسمان!
هن جا سر نيزي تي هي ناموس قيدين جي قطار
هن جا هي ناموس بيوس دربدر، اي آسمان!

Gul Hayat Institute

ڪا ڏسي ڇٽي: هي اڄهو منهنجو اَدو سروَر حسين
آ سنده همشيره اڄ خونين جگر، اي آسمان!
ڪا ڏسي ڇٽي: هي اڄهو منهنجو اَٻو سائين حسين
آ سڪينه سُڪَ پلي ٿي ٻي پدر، اي آسمان!
ڏٺ رَهيا رڻ ۾ سي اڀي ڪفنا دفن جا طالبُو
سي دفن لڌهين ٿين جڏ اهندا سر، اي آسمان!
ڏٺ پيارڻ ۾ جدا ۽ سر جلاوطنا جدا
هن سفر هن رڻ وطن ڪڍهن جي قبر، اي آسمان!
عابدين واڳون وراڻون هي وطن هوُ رڻ دفن
ڳاهت اُن جي درگدا شام و سحر، اي آسمان!

# سامي

## سلوڪ

(١) ساڌا پيالي وڏا جيءَ پرم ۾،
سامي ڏسي ڪوند ڪو منهن مُڙهيءَ پاڻي،
جنهن کي اَوديا ننڊ مون ستگر جاڳائي،
وڃهي وڃائي، نعارو لر پاڻ جو.

(٢) پرسن ڳالهين ڪون پار، اُٿي ڳالهين جي ڳوٺ ۾،
سامي! سڪ سچيءَ سان وٺهي ڪر ويچار،
اَوديا پرم نوار، نه لهين پير پرسنءَ جو.

(٣) مُک سان رام چئي، سانت نه اچي جيءَ کي،
اَن پاڻيءَ جي نالي سان بُکَ اُڃ ڪين لهي،
تڪر پهچي ڪونه ڪو ٻيا پسنڌ ڪئي،
گر گر رهت رهي، نه سکي ٿئي، سامي چوي.

(٤) بگلو وس ڪري، هنس ساڻ حساب ري،
هوءَ نرمل ڪون ٻري، هوءَ کپت ڏيسان ڏري،
هوءَ موتي ڪاڍي مانسر، هوءَ مڇيءَ ڪاڻ مري،
سامي ساک ڀري، مرم ويچاري مَنَ ۾.

(٥) ٻوڙڪ واد ڪئي، پنڊتُ چئي پاڻ ڪسي،
ٻڌائين سپ ڪسي چار ٿي ويد چئي،
سامي! سار سروپ کي، ڪيائين ڪين سهي،
وڃڙو پاڻ ڦهي، ڏيئي هَٿَ اهن کي.

(٦) ٻاڻا ٻاڻ، ڏيسان، ٻاڻا مورک مغرور،
ٻاڻا پاپي، پاکنڊي، ٻاڻا ڏاڻ اسڌان،
سمجهي ڏس، سامي چئي، ڇڏي سڀ اڀمان،
ٻاڻا کون ٻکوان، پلک پراهون نه ٿئي.

(٧) پرميشر پرلک، سامي! سورج جان وهي،
اندا ڏسن ڪيڪي ٿي، پيهدي اک،
ڪوه ڪريس جِک جِک، تو دَرِ دَرِ دوان جيان؟

(٨) سنگرَ جهڙو شاهُ، ڪونه ڏٺو سين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پورپي، آهي تن آشاهُ،
لڪي پڇائين ذات پات، لکي پڇائين راهُ،
ڪري مَن اڇاهُ، سامي! ڇڏيائين ڇَن ڀر.

(٩) ستگرَ پورک سُجاڻَ، رکيو هَٿُ مٿي لي،
وٺي لڪري مَن مون، سامي! ڪيا لاڻَ،
وسيا مينگهه مهر جا، پريا نيڌهن نباڻَ،
اچي بيٺا پاڻ، سمک منهنجي سيرين.

(١٠) لڳي ميخ نه اکڙي، هنئي جا هولنِ،
سوين سولارا سڙيا، لکين لوهارنِ،
انهو رن سان اکري ڪري، ڪس نه ڪڍي لنِ،
شابس لن پريَنِ، جن چٽر سان چوري ڪڍي.

(١١) هِمتُ ڪڍيو آهي، سنتن سودي سارَ جو،
جو گرمک پورو مک سان، وڃي وهائي،
لَن مَن ڏٺي لن کي سُڄ پليه پائي.

جُڳن جُڳن، تو ڪائي، سامي! ڪٿي ڪين ڪي.

(١٢) عجائب عَقُلُ، سالڪ ڏنو سڪ سان،
سمجهي رُوح راضي ٿيو، ڇڏي هنگامو هُلُ،
چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حَقُ حاصلُ،
وحدت ۾ واصلُ، پرچي ٿيو پريم سان.

(١٣) سامي! سائي جاڻُ، سهاڳڻ سڄڻ جي،
جنهن پرچايو پريتم کي، اَرپي پنهنجو پاڻُ،
سنمي رِيءَ سيوا ڪري، سڪ سهُوريءَ ساڻُ،
پوري! تنهنجو پاڻُ، خاوندُ خالي نه ڪري.

(١٤) جنهن جيتيو مَنُ، تنهن جيتيو جڳ کي،
لَدائين گُرُ گيان سان گهرُ مون آتم ڌَنُ،
ساڪي ڏسي سڀ ۾ پائي گيان اَنجُنُ،
سدائين پرسنُ، سامي! رهي سهاءَ ۾.

(١٥) گربي گلزارُ، اَلي موچاري مينگهو چوري،
سڙڻ ڪارڻ جڳ ۾، اَئي اَپر آهنڪارُ،
اسان ٻٽي ٻول ٻمڌا، ٿيا توهين کي تڪرارُ،
اڳتي اوهان جي اختيارُ، اسان ڇيو حرف حساب جو.

(١٦) هَٿي! هَٿ ٽوارِ، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جا،
ڇڏي خيالُ خلق جو، گهر پنهنجي ۾ گهارِ،
ڪر سمنگارُ ملڻ جو، ٻڇي جيڏيُون چارِ،
تہ دوست اچي در ٻار، ڏيئي سُک سهاڳ جا.

(١٧) عشق عقل آهين، ٻئي نر ٻڪيءَ جا،
آنيءَ جي آڪاس ۾، گر گم ٿيائين،
درسن سار سروپ جو، اندو سان لڳائين،
ممت مٽائين، سامي! سڀ اندر جي!

(١٨) محبت جي ميدان ۾، ٻڌڙا جن پيغام،
سي جاڳڻ کي آکرا، ننڊ انهن حرام،
انگ نه اوڍن ڪپڙا، طلب نه رکن طعام،
جهڙا منجهه ماڻام، تهڙا عاشق عيد ۾.

(١٩) سامي گهر ۾ گهر، تنهن ۾ گهر اگهر ٿئي،
من ٻڌي واٽيءَ ڪون ٻري، نرمل اکوچر،
پران پيارو سڀ ۾، سدائين سيتر،
اهڙو ٻڌ امر، گروءَ لکايو گيان سان.

(٢٠) مڙهيءَ منجهه مڙهي، تنهن ۾ مڙهي دوست جي،
ٻاڻ مڙهيءَ کون ٻار ٿي، چاڙهي ڏس چڙهي،
ٻجهي پرم گهڙي، ناتُ ملي نج ناتُ سان.

(٢١) مندر مندر مُرلي، ڪان وڄائي مُڪ سان،
ٻُڌي گوپ گوال جي، سامي! سُرت پائي،
اوديا ڳنڍ کُلي، ڏسي مُنهن محبوب جو.

(٢٢) منجهين تن تنوار، وڄي وال سيڪنهين،
چنگ طنبورا ڪينرا، سامي! ساز اپار،
آنٽي پهر اندر ۾، سامي! پرين ٻچار،
ڪنهن ڪنهن مگڻهار، سوجهي هن سرود جي.

(۲۳) ڇري ڪوه چئين، ٿي ڏرِ ڏرِ حال حبيب جو،
جي لوڪي پياس پسڻ جي، نه ڏنئا ڪير ڏئين،
سامي! سهرن سان، ڇڏي لاهه، تهين،
پرهنجي منجهه پئين، نه لهين سک سهاڳ جا.

(۲۴) ڪيڏي وڏائي، ڳليان سا پرس جي،
سَمَ ڏرسي، سيتل سدا، سپ جا سڪدائي،
ممتا مهل اندر ۾، رکن نه رائي،
سامي! سدائي، ڪن اُپڪار، اُڇاهه ني.

(۲۵) ڇرما! ڇڏ ڇوڻ، دَمُ ماري وڃُ دَمَ ۾،
سمجهي ڪر، سامي ڇوي، تهن ساڪيءَ جو سُمِرَڻُ،
ڪڍي وِس، ڪلهن ريءَ، محبت ساڻ مَکَڻُ،
پرنڪڻ ۽ پوڻ، اَلي ڪر ڪتن جو.

(۲٦) سامي! سپ ديدار، اَلي عجبن جو،
ڏسي، پڌي ساڻ لو، پولي پرلطهار،
لراڪار آڪار، ڏاري آمو جڳ ۾.

Gul Hayat Institute

## تشبيهون

١. سپ کي ٻوڙائو، پرٿم پاڇ لڳي ڪري،
ٻُڌي ناد ڪنن سان، مرگهه ڊوڙي آئيو،
ونئي واس ڪنول جان، ڀنئور لپٽائيو،
سامي! سمائيو، پتنگ جوت ڏسي ڪري.

٢. رالهون ڏسهن رڙي، آءِ ٻرڪ ڌارڻ ٻيءَ جي،
جئن ڌارڻ سُميت جي ٻِسپ ورلاپ ڪري،
چڪوري ڌارڻ چڪور جي سُڌ ڪي ساهه ڀري،
پياس نه مٽي مِين جي، ٻما نير مري،
لڏهن جيءُ لري، جڏهن سامي! ملي سمرٿ.

٣. سپني منجهه ڪنگال، راجا ٿيو هڪ ڏيس جو،
هالي گهوڙا پالڪيون، ميڙ ماڻين اهو مال،
ڏرسي ٻينا ڪيترا سامي! ڪن سوال،
جاڳي اهو حوال، پِندو وٺي پيٽ ڪٽي.

٤. ڏوُرون ڏٺي ڏنگ، ناري، ڪاري ناڳڻي،
مئو ڪُن مانا ڪيترا، سامي! ڪري سنگ،
نيارو رهي ٿَب جان، ڪو هڪڙي مَلنگ،
جل ۾ جل ترنگ، لڻ ڏٺو جيهن لڪ سان.

٥. سپني سوالي، سپني ۾ داناهه ٿيو،
سپني ۾ سمر ٿيو، سپني ۾ رالي،
سپني جي، سامي چئي، سڀ رچنا رچالي،
جاڳي جدالي، سپني سوڌي نه رهي.

٦. حيرت ائون هاسو، اڇي هڪ اچرج لئي،
سائي قولهي آهما، ڪنهن ڪئي پتاشو،
ڏٺو ڍوندي سون ڪي، مٽيءَ کي ڪاسو،
ڀائي پياسو، سامي! رهي نت ليءِ ۾.

٧. هيءَ ڪنهن لائي آهه، اوديا ڏائڻ جيءَ کي،
سيوڪ جاڻي پاڻهنجو، ستگر! تون سمجهاءِ،
نانگ ڏسي نوڙيءَ ۾، پلين پولي پاهه،
منهن موڙ هيءَ ۾ پاءِ، نه سيتل ٿين، سامي چئي.

٨. سارو جڳ نچي، تو اوديا جي آهنڪار ۾،
جيئن باندر بازيگر جي هٿ ۾ نت نچي،
ورلي ڪنهن گرمک کي، وڃي سانت اچي،
جنهن کي سنت سچي، سامي! لاٿو لڪ ۾.

٩. اوديا من رچي، سا وڌي وئي من کي،
جيئن ڏانور لار ۾، مرڪي پاڻ پچي،
ڪو ٻراهي ٻيو پرليت سان، ٻلاڪون ٻچي،
جنهن کي سمجهه سچي، سامي! ڏني سنگروهه.

١٠. گرمک جي گادي، انل جان آڪاس ۾،
هار جيت دک سک کون، اگم الادي،
چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي،
لڏائين آدي، سامي! سک سروپ جو.

١١. وهدانتي واٽي، ٻڌي جنهن، پانيڻ چئي،
تنهن مورت محبوبن جي، جاڻ ڪري جاڻي،

جتي گهاگهو لوڙ جي، پوري هاڻي پاڻي،
سنڌ ۾ سمائي، موٽي موٽي ڪين ڪي.

١٢. جيءُ ڪري تو جت، پاڻي پنهنجو پاڻ سان،
جتي ڦاهيءَ منجهه ڦسي، ڀولو ڀري مِٽ،
ڏٺي وڃو پٽ، سامي ڇڏي، سروپ کي.

١٣. ترشنا تار ندي، سدا وهي لِڪ لاوَ سان،
ٽهي ۾ واڳهو ڪَچ مَچ، سهسين سنبندي،
سامي! وِڃهين ڪين ڪي، تون پنهنجو پاڻ ٻُڏي،
ڪيول هِڪ ڪندي، وڃين ساڌ سنگت جي.

١٤. ساڌُو سنگ وڃو، آوديا سنسو جيءَ جو،
جتي پرنگيءَ ڪيت ڪي، جوڙي پرلگ ڪيو،
لوهُ پارس سان لڳي، سامي! سون ٿيو،
پاڻيءَ منجهه پيو، وڃي ڪيلوُٽو ڪنڀ جو.

١٥. وڃي ٿي وهندي، آرجا هن هٿن مون،
جتي جال آتلاءِ جي، سامي! ٻيگا ندي،
تون سار سمپار تنهين کي، آهين جنهن سندي،
متان پوءِ، آندي! جنم ڪرڻي جئيون.

١٦. پاري منجهه پاڻي، ٿين ساکي ڏنو سڀ ۾،
وڃي سرت سروُپ ۾، سامي! سمائي،
سمنڊ سا پُرس سان، موج ملي مائي،
جاڻائي جاڻي، سوڪم سڌ سروپ جي.

Gul Hayat Institute

١٧. ٻاپيڙا! ڪين ٻڌاءِ، ڪنهن کي ڳيان ڳروءَ جو،
ٻرچي پرلن سڀي ساءَ، آنسرمک اڏو لاءِ،
آڳسٽ جانُ اچن ڪري، اوڏهان سدُ سُڪاءِ،
رهين پيولي پاءِ، لسڀي سڄي ملن سچرانن.

١٨. ڳرمڪ پنڌ ٻاني، ڪنهن کي سڀي ڪين ڪيءِ،
آنٺي پهر اندر، پهر ساميءِ سلاهي،
جڏهن گونگو ڳُڙ کائي، مٺڙي ڪُڇي ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

## سلوڪ جي ڪافين وانگر ڳائي ٿا سگهجن .

( ١ )

اڻ هوندي ٻاري ، ٻازيگر سڀ حال ڪئي ،
ڪاٿي پير فقير ٿيو ، ڪاٿي شيخ ملان قاضي ،
ڪاٿي گرو گساٿين گيانوان، ڪاٿي حج ڪري حاجي ،
ڪاٿي راجا پرجا چوڌري، ڪاٿي مهتو مياجي ،
ڪاٿي سوربير داتار ٿيو، ڪاٿي مست مولاجي ،
ڪاٿي چور چغل ٺگ مسخرو، ڪاٿي پنڌ ڪٽي پاجي ،
ڪاٿي ڪٽي ۽ ليکي ڏکڻ ۾، ڪاٿي رڃا لي راجي ،
سائين ! جنهن ساجي ، سو ساڪي پٽ پار ٿي .

( ٢ )

آهي ساگر سٽ ، هڪ ڏري ٻازار ۾ ،
ساڻيه چوري ، ٻاني ۽ ري ، ڪدي ويهو هٽ ،
پاڻ واپاري ونج ٿيو ، پاڻ لارازي وٽ ،
رعيت راجا پاڻ ٿيو ، ڏاتار ، سوڙ ، سيٽ ،
پاڻ ڪير آوي ٺيو ، چڪ ، مٽي ، گهٽ ، مٽ ،
پاڻ قبول قل ، پتر ٿيو ، پاڻ ڏار ، پڄ پٽ ،
اندر ٻاهر ڏهہ ڏسا ، ڪيلي گهٽ پر گهٽ ،
سرچي ڪولهو پٽ ، پاڻ لڪائي پاڻ سان .

Gul Hayat Institute

# ٻائي آسرداس

١. لاغرض ساڻ لاغم، لاشڪ، مون نينهن لائو،
جيڏيون! دعا ڪجو تان ابتي آجهم نالو.

٢. هن ٻهر ٻهدي ۾، ڪاٿهي ڪندي ٻهڻ جي،
وٺي اروڙ ٻاجهي، جنهن وارو ٻير ٻالو.

٣. ڪڙڪا ٻون ڪمن جا، ولين جي وڪري ڪان،
لهرن سندي لڙت ڪان، ٻي سڌ نه ڏٺون رالو.

٤. واندو وره وجهل ڪان، هيءَ هاءِ ٻل لب آهيان،
ڏاڍو فراق ڏکيو، هڪ اهنج ٻيو آرالو.

٥. حيلا ٻيا وسيلا، چيت تان ولام چهلا،
اڳين سري ڏيڻ ري، چارو نه هوم چالو.

٦. مشڪل ۾ آه مشڪل، هي عشق هڏ اڙانگو،
لنئون حال ساڻ مس مس، مون تان سڄڻ سڃاتو.

٧. اَشرف ڪيوءِ آدم، ابليس ڪين ٻَچايُءِ؟
چي: آه آزمودو ره عشق ۾ اڻالو.

٨. لائي ٻره بندي سان، ڇو ٻاڻ ڪي ڇپايءِ؟
چي: دل منجهان ڏٺيٽي، لاهي لون ڏس لٻاٿو.

٩. عاشق مدام مڇ ۾، منجهه پرت تو ٻچن ٿا،
چي: سک اليٽي جاٽج، هرگز نه ٿي حجالو.

١٠. لون تو ڪرڻ ڪرائين، ٻيوس جو ڏوه ڪڙو؟
چي: نفس من نجس جي رِتُف رد ڪئي نه ڪالو.

١١. ٿون پاڪ ؛ پورو هر رنگِ ڇو سمائين ؟
ٻي انت وٽي بيان ڀر، ٿي اي زبان ٻالو.

١٢. ناهي مجال ڪنهن کي، قدرت جو کيل سمجهي،
ٿو ڀر اُن مان ڪجهه پي، پيتو نه آهه ڏالو.

١٣. گستاخ ٿي نه گولو، ٻُجَ گُجَ ڇڏي صبر ڪر،
آهي عيان تنهنجو، هٿ روزنامو ڪالو.

١٤. آهي اُميد تنهنجي، منهنجو مهر سچ ملڪ جي،
ڇي : ڪَب، ڪَتِ، ادب رکن، آسر نه ٿيج آلو.

Gul Hayat Institute

## دلپت

١. نڪو محبت جهڙو مامرو – نڪو سڪڻ جهڙو سور
ساڙي وڌو ساه کي – پل پل پرلاءِ پور
ڇِڙي ڇڄري ڇت کي – چشمن ڪيو چور
دوست منهنجي دل کون – شال دم نه ٿئي دور
**دلپت** هجي حضور – شال سدا هووي سپرين.

٢. محبت جي ميدان ۾ – هلن ٿا هوشيار
مارين ٿا من کي – هٿي حقيقت هٿيار
اُت عاشق جا آڏي ٿي – سر جدا ڌڙ ڌار
سسيءُ سورن جون ليون – سوريءَ سڪ سوار
ڪئين منصور ٿي چڙهيا – الي درد دار
چاڙهي ليڙي نرت جي – نينهن ڪيا نروار
**دلپت** دلدار – ان گهڙيءَ ڏٺو گهٽ ۾.

٣. گهڙي گگن غفا ۾ نانگا ناٿ نهار
سوارٿي سرت سُوريءَ لي گُر جو واڪ وچار
بنا زبان ذڪر جو سوٿي شبد سنيار
کولي محل ترڪٽيءَ جو جوڳي ڪر جهار
جفا ڏئين جيءَ کي ان کاڻي نُور نروار
ڏس پنهنجي ڏيل ۾ الک جو اسرار
**دلپت** ملئي مُراد، جي درست ڪرين دل کي.

٤. ٿو مِلي ساٿي سِرَ جي دوست جو ديدار
ڏئي دل دلال کي وڃي ڪر واپار

Gul Hayat Institute

جي پوءِ سن قبول قريب کي تان ڏي سر سنگار
ويڇي وره سان سر کي ڏڻ ڪون ڪر ڏار
دلپت دلدار، اسان گهڙي اچيئي گهٽ ۾.

٥. اندر جر جل زور ڌهي ٻاهر ميگهه ملار
دلپت ٻاجهون دوست جي اچي ڪين قرار
جنهن ومت نه آهي يار سي ڪيئن اڪائين اکيون.

٦. پاڻ وڃائي وڃ جوڳين اڏي جوءِ
وسنا اورن عرش ۾ رانول رؤسروءِ
واجهو سي وجود ۾ جٿ سوءِ قلن بوءِ
جتي هاءِ نه هوءِ، دلپت تني تن جو لکيو.

٧. جت نانهه نهايت نينهن جي سا جوڳيءَ لڏي جاءِ
ولو وجودون نڪري جوڳي جوءِ منجهاءِ
جتي ذڪر نه فڪر ڪو نڪا هوءِ نه هاءِ
نڪو فلڪ نه ملڪ ڪو نڪو رنڪ نه راءِ
نڪو پاپي پُت ڪٽي نڪو ٻکيا ٻاءِ
جتي ڪوڪ نه ڪاءِ، دلپت اُت وڌائون لکيو.

Gul Hayat Institute

٨. ڪوڙو ڪنب اُپاءُ سپرين سين
ٻاري ٻاهه ٻرهه جي آدمين اپر
تون گهڙ گهاٽي نينهن سان سانگو ڇڏي سر
لن اپائي طلب ۾ ڪڍي من مڪر
صاحب ڏٺي سچ جو من جي مارڻ مر
اُچو ڪر اندر کي جٿ گندي ڪي ڳاڙ

هاسي تيءَ حاضر، دلپت در دوست جي.

۹. ڪري اُنهيون اکڙيون پس پاڻ کي پيئي
ڳولي لهج الک کي وجود ۾ ولهي
دلپت سڃاڻ سپرين ڏور ڪري ڏيهي
تان ساجن سڀهي، سامهي مليئي سترو.

۱۰. جي پانئين پسان پرينءَ کي تان لڪي وڃهه ليو
اُڻ هوُندو حباب آب ني عالَمُ هيءَ ٿيو
پر فرق ٿوري بحر جو ڪنهن ڪو نه ڇيو
جنهن ڳوليو تي پرين کي سو وڃون ٿي ويو
جت ٻولي نه آهي ٻن جي ٻيت ٻڪي ڪيئن ٿيو
جي ٻيپر ۾ پرميسر نه ڪو ٻيو ۾ ايو
جي اسلام ٿيو الله ڪون ته ڪفر ڪنهن ڪيو؟
جي ڪعبه خانو خدا جو، ته ڪو ڏيون ڏوه ڪيو؟
مڙهيءَ ۽ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيئو
دلپت ڪيئن پيو، خالق اچي هن خلق ۾؟

۱۱. ڇاکي ورڌو پاڻ ۾ ترڪن واٽين وارُ
جي ٻيپر ۾ پاڻ ڏٺي تان ڪرڙ ۾ ڪيرُ؟
ڪڪ پن ۾ پڌرو آهي پرماڻ سندو پيرُ
اندا ڪاڻا ڪيڪي لهن هن يڻونءِ جو ييرُ
ڪر سڃو ٻيي سيرُ، دلپت ڇري دوست جو.

Gul Hayat Institute

( ١ )

ڪڏهن ڪي سليندس آه اندر جي –
ليهن لهوڙي مونکي لنگهه نيو.

١. عشق اچانڪ راهه ويندي جو –
سانگ نه ڪيڙو ڏکن ڏَڏيءَ جو،
جيءَ جانب ليءِ جوڳي ٿيو.

٢. ڪاڻ ڪيچن جي ڏيهه ڏوريندس –
سُور ساڻي ڪري وندرو وريندس،
هوُ، جو، هٿي هاڃو هيو وٺي ويو.

۴. جهلي پلي جيڏيون، ڪنهن جي نه رهنديس –
طعنا مهڻا سڀ سرتي سهنديس،
مونکي جوءِ جانب جو، ڪو ڏس ڏيو.

۴. عشق اَٽانکو جي پرڻ جالم –
پيچ پرت جو هوُند نه پالم،
هوُند پوُر پرائن جي نه هچڻ پيو.

٥. باهه برهه جي باري ٻاروچل –
اچي اندر ۾ لائي ڏاڍي جل،
رات ڏينهن تنهن ۾ پچڻ پيو.

٦. وره ولڙيچل ڪيس ويراڳن –
اکڙيون اُڻارون اچي اوجاڳن،
سمهڻ وهڻ مونکي وهه ٿيو.

Gul Hayat Institute

٧. ساڻ سپرين عشق اڙايس -
سُورن ڪارڻ ڇا ڪي جايس ؟
هاڻي سک سڄڻ جي سڙڻ ٿيو.

٨. **دلپت** درسن ڪيس ديواني -
لاهي هاڻيس لڄ لوڪائي،
ٻاجهون عجيبن ٻجهي نه ٻيو.

Gul Hayat Institute

## حفيظ لعلو

### [ مومل راڻي مان ]

سوهڻي گهڙيو سرنگ ۾ آهر الاهر
هليو حشمت سان وڃي لڪڙو ڏانهن لچر
آخر آئي رسيو جتي پَتو سندي پُلڪر
ڪلي ڇُري، ڪڙڪو ٿيو، منا ڏم ڏَمڪر
ڪرڳل کي ڪيڏي وڏا، ٿيا ڇهڇٽا ڇوڏر
ڪل ڪنهن کي ڪانه پئي، ڪڙڪي ڪانهه خبر
نامي نظر نه اچي وستو ڪا وڄهر
شبنهن شهه گوشن جي ٿي دور پوي ڏڏڪر
ڇڻن، ڇيڻن ڇراڻن جي پئي ڪوه ٿي ڪُوڪر
راڙيون رڇن جون ٿيون، هايا هل حشر
ڪيهر پيلائي ڪتا ڪن گروڙيون گينور
مون، گوهون، گورپٽ پٽون پيٽي پسر
گرگ، گدڙ، پولڙا، وڳڙهي ويس ولر
ڦوڪون ڏين فراق مان ڪنيو ڪارهر ڪَرَ
بيا باڪارن باهرون جر جا جانور
بحر بلائون بچڙيون آفتون اَژگر
مڇ مانگر، مورڙيون گهٽيون پئي پَکن جي پُڪر
ٻهون گهمن بلهٽيون، ساڻ لهين سهسر
واڳن وات وڏا پٽيا ڪيڏا واسينگن ور

ڪُميون، ڪڇون، لڏڙا، ڏاڪ ڏين ڏيڏر
واٽ وڃڻ جي نہ لهي، ٻيا ٻڪڙي ڪوڙ ڪپر
ڀڄڻ ڳاٺيتي نہ اچن، ليکي منجهہ لشڪر
تڏهن ڀڳڙا ٻانهيءَ کي ڪيو سڀني ٻر
ٻر ٻانڪو ڪِرايو ٻاهُڙي ان ماسي ۾ هيڪر
۽ ڳورلي وڌس ڳم تي اڪري ڪانءَ نظر
سٽ پيرون ٻر، آئي خان ڪڙو ٿيو.

Gul Hayat Institute

## خليفو گل محمد (گل)

### ڪٿين آيا ويا

دؤر دنيا جي مٿي، اي دل! ڪٿين آيا ويا،
سڪ مٿي سؤرن سٿي، اي دل! ڪٿين آيا ويا.

۱. ڪي سوداگر رات ڏينهان منجهه ونڄ وڪڻڻ خراب،
ڪوڙ دنيا جا ڪٺي، اي دل! ڪٿين آيا ويا.

۲. ڪن ڪيون پوکون، ٿيون پرپوري پاڻي جاڙهن،
پوءِ پڪي هنئيون هٿي، اي دل! ڪٿين آيا ويا.

۳. پانڌ ڏيئي بحر بر، لڙهندا ولڻ پاڻيءَ مٿي،
پيا سُڪي پاڻيءَ لٿي، اي دل! ڪٿين آيا ويا.

۴. گل حقيقت تو ٻڌين، ڪهڙي دنيا جي دؤر جي؟
ڪا خبر ڪنهن جي آئي، اي دل! ڪٿين آيا ويا.

### دلڙي ڪلي ٿي باغ باغ

Gul Hayat Institute

تنهنجي ڏني اي گلبدن! دلڙي ڪلي ٿي باغ باغ!
آئي خوشي منجهه جان تن، دلڙي ڪلي ٿي باغ باغ!

۱. تنهنجي ڏني بت بر ٿيو، منجهه شوق شاديءَ شهر ٿيو
ٿيا ذوق حاصل جانِ من! دلڙي ڪلي ٿي باغ باغ!

۲. آنجو دلاسو دل ڏنو، دل کي انهيءَ سبب کان چيو
ڪاڄا پڌائين ڳالهه ڪَنِ، دلڙي ڪلي ٿي باغ باغ!

٣. آنجي دلاسي خوش ڪيُو، دل تان ويا سڀ غم لهي،
سرهي سدا اندر جشن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ!

٤. تيو منجهه حياتيءَ بت بهار، پوءِ منجهه مماتيءَ من قرار،
تنهنجي دلاسي منجهه ڪفن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ!

٥. تون جان منهنجي، منهنجو تن، تون روح، عالم سڀ بدن،
منجهه ذوق تنهنجي منجهه دفن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ!

٦. تون جزو، تون منهنجو ڪل، تون باغ، آءٌ هڪ تنهنجو گل
تو کان ٿـڙيو چِتُ، چمن چمن، دلڙي کلي ٿي باغ باغ

## آهي محبت آهي محبت

محبت بنا ڳـولـڻ خـدا، آهي عبث، آهي عبث،
محبت ڇـڏي ٿيڻ جـدا، آهي عبث، آهي عبث.

١. ڏک کان تو حاصل سک ٿئي، ري ڏک، ڪهڙو منهن مک لئي،
حـاصـل جـفـا ڌاران صفـا، آهي عبث، آهي عبث.

٢. ڌاران لـهـرڻ ڪاهُڻ پـڇـڻ، هاهي هـجـڻ، جهوري جهـجـڻ،
محبـوب وٽ ڪـا الـتجـا، آهي عبث، آهي عبث.

٣. محبت ونـڻ بـڙهيِن ڪنا، مصلحت پيرا چرين ڪـنـا،
بـارڻ ڏيـڻـو انـدن اگيا، آهي عبث، آهي عبث.

٤. پـاٽـي پُـهائـڻ رج مِ، سـانگـي ڏسـائـڻ سچ مِ،
ري ميهن سـاوڻ جـي بنا، آهي عبث، آهي عبث.

Gul Hayat Institute

٥ جنهن جي سخن کي نانهه سچ، وعدا ڪري جي قول ڪچ،
قول وفا ڪرڻ بنا، آهي عبث، آهي عبث.

٦. گل! ٿي ويا لال آب ٿيئي، خوشبوءِ رنگ ۽ تاب ٿيئي،
مرڻ بنا ساڳئي لٿا، آهي عبث، آهي عبث.

## شل هئين سدا، اي دوست! گل.

اي يار! دل آرام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل،
محبوب! گل اندام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

١. تنهنجون اکيون گل، زلف گل، منهن گل، آهن رخسار گل،
رنگ روپ ۾ گلفام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

٢. ٻولين تہ مکڙي وات ٿيو، اکين ۾ گل اثبات ٿيو،
موهين مونکي ان مام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

٣. تنهنجي هٿن ۾ جام گل! مئي تنهن ۾ تي گلفام گل،
گل! ڏي پري مون جام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

٤. تون منجهہ صفت گل ذات ۾، منجهہ ڏينهن گل تون رات ۾،
آغاز ۽ انجام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

٥. تو مان رسي گل! تازگي، خوشبوءِ ۽ دل سازگي،
منهنجا سرها سڀ ڪام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

٦. تون جسم گل، ۽ جان گل، آهي اسم گل، ديوان گل،
ٻئي گل ٿيا هڪ نام، تون شل هئين سدا، اي دوست! گل.

# بيدل

## بيت

( ١ ) حالت جا حلاج جهڙي سموري آهه سور
مردن ۾ منصور، ڪو ڪو ليکي ڪانهين.

( ٢ ) حقيقت ۾ هڪ ليکو آڇو ۽ ڪارو،
لِنهن هيڪو نعرو، هر مَظهَر ۾ هڪڙو.

( ٣ ) سدا ڪن سبحان جي وسوڙل وائي،
لبين ڪون جائي، راحت رسي روح کي.

( ٤ ) خام خوديءَ جا خارا، 'لا' سين سيئي لوڙهه،
فڪر فرازي همت رکي، خيالُ طلب جو سِرِ،
خِما نيئي ڪوڙ، نفيءَ کؤن اثبات ۾.

( ٥ ) نالي آهن آدمي، نه ته سامي سِرُ سارو،
نانگن جو نعرو، لنگهي ويو نه ڪنهن کؤن.

( ٦ ) صوفي سدا سوز ۾، عاشق پُڇن نه عيد،
طالب ريءَ توحيد، ٻولي ٻولن ڪانه ٻي.

( ٧ ) صوفيءَ سانڍيو ساهه ۾، وحدت جو وساهه،
سندس ساهه پساهُ، سمايو نه سرهو ۾.

Gul Hayat Institute

# ڪافيون

## (١)

عقل جو وهُو اختيار - عشق "اناالحق" جو دم ماريو.

١- عشق عقل جي لڳي لڙائي - عشق ڪٽي جنگ، عقل هارائي،
هيڪل هڪ هسوار، ڪيڏي ڪٽڪ کي ڀڄايو!

٢- دست ڌري آيو حسن جو پيالو، چنچل چشمن جو ڪري چالو
گوءِ ڪٽي سرور، پاڻ پره جي سُڌن کي ساڙيو.

٣- ڪائي پِيرُ مُريد سڏائي - ڪائي پاڻ سان لڏو تو لائي
ڪائي ڪري ڪُوڪار، "قُم باذني" مٺو جياريو.

٤- يار بيرنگي نُور نهاني - ظهري پوش آيو انساني،
عشقئون ٿي اظهار، سهڻين وٽس سان پاڻ سينگاريو.

٥- ڏس تون باولي بره جي، بيدل! لامڪان کان ٿي اچي لازل
ٿوڙ ڏُوالي، يار! بيخوديءَ جو باز اُڏايو.

Gul Hayat Institute

## (٢)

١- پکيڙا ولر کان وڇڙيا، وڃي اوکيءَ منجهه آڙيا،
زهري زلف زورآور جا توکي ڏُهرا دام پيا.

٢- ڇو تو پنهنجا پَرَ پَٽين؟ توکي پختا پيچ پيا،
ڦٽڪي ڦٽڪي ساهه ڇڏيندين، چارنه ڇٽڻ جا.

٣- وارن جي وراڪن ۾ ڪئين ڪامل قيد ٿيا،
هن ڪاڪ ڪڪوڙيا ڪيترا، همت ڪيئي ڍينگه ڍريا.

٤- مانڊين منڊيا ڪين ڪي، ؟ جوڳين ڪين جهليا،
وِهُ رڪن واسينگن وانگر، آهن زهر پريا.
٥- چنڊي داڻا خال سندا، لوڪي ڪل نه پئي ڪا،
هاٿي هيءَ هيءَ ٿو ڪرين، جڏهن وار اُٿي وِچڙيا.
٦- بيدل ڏنگ جهلياسين ڏايا آهن اوکيرا،
هيٺئي حيوان، الله ڙي! اَچا ڪين مڙيا.

(٣)

ڪاڪي ڪِيَڙم وس، آهيان نه نه نوُر نيارو.
١- اڇي ناهيم اُنهين، عبديت جو آبس،
٢- ڪاٿي چاڪر چائيان، ڪاٿي ڪاصو وَس،
٣- هڪ ڀڪيان ڀيو لاهيان، رنگارنگ لِبيس،
٤- ڪاٿي سالڪ سڌريل، ڪاٿي عين اُويس،
٥- سيوهڻ سجدا ٿو ڪريان، بيدّل ٿي درويش.

Gul Hayat Institute

# بيڪس

## ڪافي (١)

اباڻن جي اُڪير، واليان ڏيهان ٿي وُڻاري.

١- آءٌ هِت ماندي ماروئڙن ري، هُت ڪِليو پِنهِن ڪِيرَ،
ساھ سنگهارن سپاري، اَباڻن جي اُڪير.

٢- قسمت واري ڪوٽ مان، ڪيو تون عمر جام اسير،
ڳاراڻو ٿيو ڳاري، اَباڻن جي اُڪير.

٣- اَباڻن جي آسري، اوڻي لِيڙُ لِيڙُ،
پَٽِ پنوهر جي پاري، اَباڻن جي اُڪير.

٤- بيڪس وس ناهي ويڙهين، لوڙون هڻي تقدير،
ڪير لکئي کي ٽاري، اَباڻن جي اُڪير.

## (٢)

هن هُن ٻنهي ڪان وياسين، پُڪي پرت جي پياسين،
هي بار درد غم جا، چئي سِر مٿي چلياسين.

١- چستيءَ جي چوٽ هڻ لون، هستيءَ جي اوٽ پڻ لون،
مستيءَ جي گهوٽ ڪڻ لون، سوريءَ جي سر هلياسين،
هِن هُن ٻنهي ڪان وياسين.

٢- شب روز ڪرهندي زاري- در يار دل وهاري،
سڙ گئي هيءَ جندڙي ساري، ڪڏهن انگ پر اڙياسين،
هِن هن ٻنهي ڪان وياسين.

Gul Hayat Institute

٣- بيڪس نه ڪنهن ۾ اَڙندا، ٻڪندي سوُليءَ تي چڙهندا،
دم دم هي سڳ ڏوردا، هرگز اُهي ڪنهن جهلياسين،
ڄهن ڦُسن ٻهي ڪان وڃاسين.

( ٣ )

ناهه مناسب منڙا ڏرڪي، بيڪس سان بيپرواهي.

١- ويس بسنت ۾ ڏئين ڏيکاري، گهٽ لڏهنجا نيڻ خماري،
شان رکيو تو شاهي!

٢- برهه بسنت کليو چوڏاري، ڪائي دام نه ڪائي ماري،
مند عجائب آئي!

٣- ويکو سجڻان يار پيارا، ظاهر باطن نوُر نيارا،
شاهه ڪري گدائي!

٤- ويس مٽائي آيو اِنائين، ظاهر "بيدل" مرشد سائين،
ڪندا خيال خدائي!

٥- بيڪس ٻرس نيڻهن جو نعرو،
هڻ تون وحدت کي ڪر وارو،
عشق عجب اِلاهي!

Gul Hayat Institute

## سانڍي

## ياد گيريون

جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا - بلبليون اکيون اٽڪائي ويا
چُپ چاپ چاشني دار چِڪائي ويا - سُتي سُورن کي نه جڳائي ويا.

١- آيا هاڻ هتي هي بهار ٻڌن - دلبند سڄڻ دلدار ٻڌن
غمخوار مٺا مٺار ٻڌن - جي پيچ پيارل پائي ويا.

٢- هت دردن جا ته دڪان هُئا - هِت سورن جا ته سامان هُئا
وڏا شوقن جا هِت شان هُئا - سي هائي ماڳ مٽائي ويا.

٣- ها معشوقن جا ماڳ هتي - ها رنگ ۽ روپ ۽ راڳ هتي
ها ٻره وارن جا ڀاڳ هتي - سي قبري ڏُٺي قٽائي ويا.

٤- هت عاشق ها اڙٻنگ، ادا! هِت سهڻا ها گلرنگ، ادا!
هت عشق جا ها آڙنگ، ادا! - ٻَرَ سَرَ تي وِره وسائي ويا.

٥- هِت عشق جا ها طوفان وڏا - ها سُورن جا سامان وڏا
هڏيا نيمهن هتي نه نشان وڏا - سي وارو وڙ وڄائي ويا.

٦- رهيا دنيا ۾ هوش جي دم پل -
هاڻي هُر سُو جن جي تي پل پل
ڏنا تن کي جلد زماني جل - سي ڏُونهان درد ڏکائي ويا.

٧- اُستاد اُهي جن پاڙهيو تي - جن درس محبت ڪاريو تي
جن سُورن ساڻ سيکاريو تي - ستُون سُورن جون سمجهائي ويا.

٨- جن هرڪنهن ساڻ رهائي ڪئي -
تن پنهنجي پاڻ رهائي ڪئي

Gul Hayat Institute

جن سهڻن ساڻ سچائي ڪئي - سي ڪنهن سان ڪين وڃائي ويا.

٩- ڪن شاهن جا ويا شان ڪٿي؟ - ويا نوبت ۽ نيشان ڪٿي؟
سي دهليون ۽ دربان ڪٿي؟ - جي ماڙيون محل اڏائي ويا؟

١٠- تو ڏٺهن منجهان نروار ڇوان - سي عاشق آهه سردار ڇوان
سي پيارا پنهنجا يار ڇوان - سي "سانگي" ياڻ سڏائي ويا.

( ١ )

١- عمر! ماڙين ۽ مالن تي لڳي ڪئن ڪر لڳائيندي ڀس؟
وڙهڻ ڪي وساري هت وڌي ڇا ڏر وڃائيندي ڀس؟

٢- هتي جي ڪاڇ تنهنجا ڪان تي مُر ڪامي مران تنهن ڪان،
وچي تسر ڏا ڪٿورن جي ڪتا ۽ ڪير ڪائيندي ڀس.

٣- ڇڏهن آهه وڙهه ڏي ويندس ته وڙهڻ جي وچ وڌي،
عمر! ڪبرن ۽ ڪٿورن هيٺ ڳڻ ڳالهيون نه ڳائيندي ڀس.

٤- متو موڙهل سواري پنهنجا واسي وار وڙهي هِتِ،
تڪي آهه پساڻ تان ڪاٿر تڪي پاٿر ڪلائيندي ڀس.

٥- وڃي آهه وڙهه ۾ وهنجان، هِتي پاڻي نه سر پايان،
لوڻي لاڪي متي تان لاهي تنهنجا پُت نه پائيندي ڀس.

٦- سبر تون سومرا! آهين زماني ۾ مگر آلوُن،
نماڻي نار آهيان، پر وڏن جنا ڏڻ وڃائيندي ڀس.

٧- اِهي آهون ۽ داهون منهنجون بلڪل بي اثر ناهن،
عمر! تنهنجا ڪڙا ۽ ڪوٽ آهه اُف سان اڏائيندي ڀس.

Gul Hayat Institute

۱- ٻنهوارن جي ٻکي ٻنهي ٻڌي پاڪي ٻهي جي ٻڌي،
اي ”سانگي“ سوز دل جو آءُ سورلين کي سلائيندس.

۹- آسين سانگي نہ سچ سمجھون، ڪُپَتِ مان ڪينڪي جاڻون،
ڪڙن ڪوڙن ۾ مارن جو منو نيهڙو نيائيندس.

( ۲ )

۱- تنهنجا سهڻا آهن ڏند پران - سي ڏند نہ آهن دلبند پران
تنهنجا لب شيرين از قند پران -
سنده ڪارا وار ڪمند پران
جن سان عاشق ٿيا پيوند پران -
انهيءَ بند ۾ سي خورسند پران
وڏا فڪر ۾ تنهنجي فند پران -
تنهنجا عاشق آرزومند پران.

۲- تنهنجا اَبروُ مثل ڪمان سجڻ -
تنهنجا تير تکا مژگان سجڻ
ڪر سينا تنهنجا نشان سجڻ - جي خاص سنده خواهان سجڻ
جي ڪين ٻچن درمان سجڻ - تکو تنکي تي ارمان سجڻ
لڳن زخم سندن خندان سجڻ - سي خان وهن خورسند پران.

۳- تنهنجو خال سِيَہ مُشڪين ميان -
جنهن حيران ڪيا تہ حَسين ميان
اهڙو ڪنهن هند آهي ڪين ميان -
چا روم خراسان چين ميان
بَل ساري روءِ زمين ميان - تنهنجي عشق وڃايا دين ميان

Gul Hayat Institute

ڪيو پنھنجو ڏسڻ متين ميان -

جو سيکڻن کي ٿيو پسند پرين ۽

٤- انھنجي سونھن جا ٿيا سارنگ مٺا -

ان جي عشق ڪيا آڙنگ مٺا

ڪيا وچڙن ڳاڙھا رنگ مٺا -

وڏا قرب جي ڪڪرن ونگ مٺا

ڪيا گوڙن گوندر پرنگ مٺا - آيا عاشق اُت اڙبنگ مٺا

ڇڏي شرم حيا ۽ ننگ مٺا - لِن ورتي انھنجي پند پران ۽

٥- اي سانگي انھنجي طبع رسا - جنھن سَنگت ڪئي ازباد صبا

جا گلشن نظر ۾ پهتي صفا - انھنجي فيض اڇڙ جي ڪان ته اَدا

گل تازا سخن جا آھن ٽڙيا - جا نُڪهت پهتي جاءِ بجا

جنھن ڪان آھن مشام معطّر ٿيا -

انھنجي وصف ۾ اي پُر فند پرين ۽

Gul Hayat Institute

## قليچ

## ڇا ٿيو؟

دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو ته ڇا ٿيو؟
آخر مليو نه جي رَبُ، ٻيو سڀ مليو ته ڇا ٿيو؟

١- مَسُو رِهت هجيئي شاهي، لک لشڪر ۽ سپاهي
ٿيندئين عدم ڏي راهي، جڳ فتح ڪيو ته ڇا ٿيو؟

٢- ٿئين علم ۾ جي ڪامل، ڪر پڻ عمل کي شامل
عالم نه ٿيو جي عامل، دفتر لکيو ته ڇا ٿيو؟

٣- هُت فڪر جو فسانو، هِت زر جو ٿئي زمانو
هت ڪر لون هوُ خزانو، هيءُ مال وٺو ته ڇا ٿيو؟

٤- دُنيا ڇا سڪ قتا ڪر، وٽ آخرت ڪئي آخر
سؤدي ۾ سوُد خاطر، نقصان ٻيو ته ڇا ٿيو؟

٥- سوره ڏک ڏيکاريءَ، وسري سڀ وِساريءَ
پنهنجو نه نفس ماريءَ، دشمن دسيو ته ڇا ٿيو؟

٦- آهي قليچ! ارمان، ڪيو شرڪ ترڪ شيطان
مُن جي نه ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو ته ڇا ٿيو؟

( ٢ )

١- ماٺا ڪري نه مار سڄڻ! لون ذري ذري،
پاٺان نه ڪر مون کي لون پيارا پري پري.

٢- هيڪر نهارُ نيڻ ڪٺي نـاز مان پرن!
وٺي عمر انتظار ۾ آزيون ڪري ڪري.

Gul Hayat Institute

٣- هردم هجوُن ۋهائي ڪري ياد لوڪ دل،
ڳالهيون ڪري هزار ڳُڻن جوُن ڳري ڳري.

٤- مون ڪيو ڪُسڻ قبول، مگر تون ڪو قياس ڪر،
خنجر ۋهاءِ حلق تي قاتل! هَري هَري.

٥- دلبرا! اچي ڪو ڏيہ ڏلاسو "قليچ" کي،
محبت ۾ تنهنجي مُحب مٺا! پيو مري مري.

## اصل نسل تي فخر

پنهنجو پٽ تي، پنهنجي پيءُ جو پٽُ نہ ٿئي،
پيءُ ۽ ڏاڏو مٺو، تون پنهنجو پاڻ جي.

اصل لوڙي نسل تي ڪر ڪوڙ فخر
ڪر تہ اصل ۽ نسل اسندہ ڪيڏڪي.

ڳورپت ناهين، ڪتو پيا تون چراخ،
۽ نہ ڳجهہ، ڏهن ڪر تہ مُردن لئي خوشي.

چو پڙائين مُت کَڏن جي لئي تو پاڻ!
ڪي ڳري وڃا، ۽ ڪي پيا وهندا ڳري.

اصل ڪان شاهين آهين شاهباز،
تون اُڏر اَپ ڏي، نہ پَتَ لئي پڙ ڪري.

پيءُ ۽ ڏاڏو پنهنجو ڪر پنهنجا عمل،
جڻ عمل پڻ، تنهنجو سي اولاد ٿئي.

هلندا لوسان ڳڏجي سي هُن جگہ ڏي پڻ،
پيا چڏي هلندڙ هتي مائت مِڙئي.

Gul Hayat Institute

اَبَ ۽ ڏاڏا ڪر پنهنجو اهڙو ڪي ادا!
وَتَ نہ ڪا علم ۽ عمل ري، ڪاڳري.

جنهن رکيو نادر تي پيءُ ڏاڏو تنهن قرار،
تنهن لون ڪر همّت نہ هٿ شاهي مِلَئي.

پنهنجو شجرو ڇو ڪرين ٿاهي ٻڌڻو؟
ڪاغذي وڻ ڦرُ نہ ڏيندو، يا ڦري.

پيءُ فريدون، نانو خسروُ ٿيو تہ ڇا؟
ڪر پڌر پنهنجو گُهَرُ ڏاتي ڪري.

پُٽ نہ پيغمبر جو ڀڻ ڪم ٿيو اچي،
نوح جو پٽ ڏِس تہ آخر ويو هڄي.

۽ ڪتو جو ڪُهف جي اَصحاف جو،
ويو شرف ۾ ڀڻ متئي اُن ڪان وڌي.

"ري عمل حاصل نسب مان ڪين ٿئي؟"
آل پنهنجي کي چئو ائين ٿئي نبي.

تنهن اُمّت اُنهي کي آ ڪهڙو حق،
جو ڀلائي پنهنجو پيءُ ڏاڏو وري؟

فخر نَسبي ڇڏ، ۽ ڪر ڪسبي، قلّيچ!
آدميت ۽ شرافت ڪر سهي.

Gul Hayat Institute

## خاڪي

منا محبوب مستانـي - اجهي آيـا اجهـي آيـا،
عجب گـاڙا گـلستانـي - اجهـي آيـا اجهـي آيـا.

١- سدا ٻهڪن سي ٻهڪاري - ڪري پوشاڪ زرداري،
ڪرهان لـن لاء بيداري - اجهي آيـا اجهي آيـا.

٢- اَڱـڻ اوطـاق اچ اڀندا - ملـا مشتاق گهـر ٿيندا،
نماڻي نـال سي نيندا - اجهي آيـا اَجهي آيـا.

٣- ڪري ڪڪ ڪه اڻن ڪيچي - سدا نه نه پٺون پيچي،
اَچن ٻـه ٻـه سي ٻارچي - اجهي آيـا اجهي آيـا.

٤- لسا ليـڙا لـڪـا تـوڏا - ميـا مـوڏا لـڪي لـوڏا،
رئـن لـا رندَ ني روڏا - اجهي آيـا اجهي آيـا.

٥- مهارن جون قطارون سي - ٻرن جون ڪن پچارون سي،
ڇمان چانـگن مهارون سي - اجهي آيـا اجهي آيـا.

٦- ڏيان ليڙان لـڪين لوهون - جٽن جون جي اچن بوهون،
چڙهندا ڪين سي جوهون - اجهي آيـا اجهي آيـا.

٧- اجهي آيـا جبل جهاڳي - منا **خاڪي** سڄي ساڳـي،
هـوا ٻانيڻ اصل ٻـاڳـي - اجهي آيـا اجهي آيـا.

Gul Hayat Institute

## بادل برسن

بـادل بـرسن بوُنـد بهار،
رم جهم رنگي رنـگ رلايـا.

١- بجلي برکـي گـهـر گـاجي،
راڳـ رسيلو اَنـهـد بـاجـي

سبزي ساوڪ خوب اَپار،

رم جهم ..............

۲- نديون نالا ڀر ڀر ڀڙڪن،

ڪڪر آڪاسي ڪڙ ڪڙ ڪڙڪن

صاحب لاهيندو سڀ غبار،

رم جهم ..........

۳- وڻ ٽڻ ٽمڪن چمڪن ڳاڙا،

ٻهه ٻهه ٻهڪن ٽڙڪن ڦلڙا،

گاهه ٻه ٿيندا اي بسيار،

رم جهم ..............

۴- مالن وارا ٿهه ٿهه ٿلندا،

کير کٽي سي کِلِ کِلِ کائندا،

خوش ٿئين سي خوب خمار،

رم جهم ..............

۵- ٻر پٽ ٻرسيا رحمت ٿِيڙي،

سائين سڀاجهي نعمت ڪِهڙي،

خاڪي سڀ جو آهه ستار،

رم جهم ..............

Gul Hayat Institute

# مصري شاهه

## ڪافيون

(۱)

وره وراڳين جي وات، پورب وارو وڃان پنڌ پڇائي.

۱- سڄهي سامين ڪئي هنگلاج هلڻ جي
وائي نه وارئون، اِي ڪا واري وَرڻ جي
گهيڙ ڏسي اونها گهاٽ، سمر ڪنيائون سفر چتائي.

۲- نينهن وارن کي ننڊ نه آئي
اڪ، الڪ ڏي لنئون جي لائي
اُٿي وٺي اُڪاٽ، ويل نه وڃنا ونڻ وچائي.

۳- اَچا آديسين چيله بند چيتا
پاڪ پلهه سي نه ڪيئون لنگ ليڙا
ڏس لاهوتين جي لاٽ، جوڳي جبروت پر ويا جوت جاڳائي.

۴- مصري ماڪي مد محبت موريا
برهه بادل جي ڪڪر ڪوريا
چمر پٽي جن ني چاٽ، وڃا وڻ واسي وائرا وسائي.

(۲)

لنهنجي مدد ميهار، اُڪاريان آرن مان

۱- لطف سان لنگهائيين، عفو جي آذار
چڪڻ ۽ چاڙهڻ مان.

۲- سِهه سيارو سپرين، مٿان مينهن ملار
پهچائج پارن مان.

۳- پهنجي تُرهي تاريين، ڪپر ڪارونيار
اُٿل اوپارن مان.

۴- ملائيين مصريءَ کي، ساهڙ ساڻ ستار
ڪڍي ڪانيارن مان.

Gul Hayat Institute

# ڏرمون

(١)

ڏسو عاشقن جا اِنصاف، ڏِٺن سر گهوري گهوري ۔

١- اندر ٻاھ ٻره جي ڀڙڪي، ٻاھر نہ نڪري ٻاڦ؛
چپائون نہ چپ چوري چوري ۔

٢- عشق جي منزل اوکي اَٽاگي، لڄ ھڻن ٿا لاڦ،
اَڃا پنڌ اوري اوري ۔

٣- ڏرمداس چوي مُرمُرڪن سي، سينا جن جا صاف،
ڏنائون ڪنڌ ڪوري ڪوري ۔

(٢)

ڏي ٿيي لهه ٿول، اصل عين اندر جا ڪولي ۔

١- ماس مٽيءَ جو بنگلو بنائي- ٿنهن ۾ ونٽين ٻارڻ لڪائي
ڪرين ٿو ڏرڻ ڪان د ٻدار- ڪير ٻڌي وري ڪير ٿو ٻولي؟

٢- ٻجرو ڏٻهي، ٻکي ٻرڏٻهي - ماري ڪال نہ ڪبن سيپڻي
مرڻ مڏبوئي ناھي- لڪهجي رمز ٿي لوڪي رولي ۔

٣- ٻنهنجو ٻاڻ ڪي ڪون سڃاڻي- ھرڪو ناڻ اڳي تو ناڻي
سمجهي ڪو سلطان- ھيءَ ڳجهارت ڳجهه جي ڳولي ۔

٤- ڏرمون ڏار جدا ناھي جاڻي- ظاھر ٻاطن نوُر نوُراڻي
اھا سڄڻ جي ساک- ڀاڻ ڏني سين تريءَ ۾ توري ۔

Gul Hayat Institute

## بلبل

غافل وڃي ولايت لنوَ ليڏيءَ ساڻ لائج ،
سو قرب ڪون ڪرستان وڃي چرچ ۾ چوائج .
سِڪ راڳ ناچ لن جو ، پڻ ٻئنڊ باجو لڳل ،
پو خوب ٺهجي بابُو پهو ٻئنڊ هٿ ٻڄائج .
پهرياڻ ، پائجامو پٽڪو پليٽ بوچڻ ،
ڏسڻي اِن تنهين کي ٽوپي پتلون ڪوٽ پائج .
پنهنجا عزيز اقرب بيگانا جاڻ احمق ،
سرمست سرخرُو ٿئي صاحب سدا سڏائج .
مجلس ۾ پنهنجي ڪارو ماڻهو نه مُور آڻج ،
ڏسڻي ڏاءُ ڏئي ڏوُل جو تنهن کي پري لڙائج .
ٽڪيٽر ۾ وڃي ٿو نزو مرغ ۽ تتر جو ،
گردن مروڙي خوب گرم جوش ۾ جلائج .
ماڻهو هي جهنگلي جو هِت جانور جان ڪاڻين ،
چمچا چُريون ۽ ڪانٽا ٽيبل مٿي رکائج .
سنڌي نفر ۽ نوڪر سڀ ڇوڙ ۽ چريا هِنِ ،
ٻٽلر ۽ ٻورچي هُن ملڪ کان منگائج .
ملان لوڙي ٻرهمڻ بيهوده ڇڏ ٻکن پيا ،
وعظن ڪٿا ۾ مفت نه لون مغز کسي کپائج .
ٻي اي جو جوش بلبل رکي رات ڏينهن دل ۾ ،
بيا خيال خوف خطرا عقبي سندا ڀُلائج .

# زر جي ڪرامت

زر جي ئي زور بازي، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه؛
ڪر موج روز تازي، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر آ نه دوست دل ڏس، ٻوءِ يار بيمثل ڏس؛
بي زر نه آب و گل ڏس، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر جي آ ڪامراني، جاني سڏي ٻيو جاني؛
سيڪا ٿي ماسي ناني، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر ساڻ ڪوجهو ڪاٺو، اڳيم آهو اگهاٺو؛
چرلو بہ ٿي سياڻو، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر ساڻ عيب ڍاڻو، سُهڻن اندر سماڻو؛
نَرُ ٺلو نوائي ناڻو، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر ساڻ سيڪو ڳهرو، چاچو ۽ ياءُ چهرو؛
قربان سس ۽ سهرو، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

زر ٿي وڏائي نالو، ٽوٽي ھجي رزالو؛
صدقو ٿئي ٻيو سالو، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

بُلبل پليا جي ڍِن ۾، سي ئي رُليا سڌن ۾؛
دنيا جي گل چمن ۾، زر آ نه عشق ٿهه ٻهه.

Gul Hayat Institute

بيوس

## غريبن جي جهوپڙي

( ١ )

جا آهه جاگيرداري ۽ ورثي ۽ بال کان،
ٽيندي نه زير بار جا گروي جي خيال کان،
اونو نه جنهن کي آهه ڪو چوڪي جنجال کان،
هلڪي رهي جا هنياءَ تي سولي سنيال کان،
جنهن ۾ غرور زور نه، سراسر سکهي گهڙي،
آلا! چهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي!

( ٢ )

جا ڦونءُ وهي ٿي چيز ڪنهن نازڪ نفيس کان،
آجي رهي جا اُچ گذاري جي ريس کان،
پٽ تي پناه ۾ رهي حاسد حريص کان،
ڏاري نه خاص خوف ڪو خوني خبيث کان،
بي عيب ۽ ڪڙي رهي سوگهي صندوقڙي،
آلا! چهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي!

Gul Hayat Institute

( ٣ )

چانگي چنو اڏيائون جو لامن لکن منجهان
ساڏو اَجهو سٽيائون پُراڻن پکن منجهان،
ڪاڙو ڪڍيائون ڪڙب جي ڪاني ڪکن منجهان،
ٻو رهيو ٺهيائون پاڻ ۽ سرن سکن منجهان،
مفتي مدد لئي آيا مهڙي مڙس تي مڙي،
آلا! چهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي!

(٣)

جنهن لئي نه نقش ساز کي ڪو ناز ٿو رهي،
رازو ڏکڻ نه، جنهن لئي ڪو لوهار ٿو ٽهي،
ڇوڻي ٻڙ سا سر جو نه سِرَ ٻارُ جا سهي،
"محصول جاء" ڳاهه جي هينان نه جا ڳهي،
مسواڙ ٻي مُهار جي آهي نه جا ٻڙي،
اَلا! جهري مَشال غريبن جي جهوپڙي!

(٥)

سج چنڊ واجهه ٿو وجهي جنهن جي وٿين منجهان،
ترڪيو اچن ٿا ترورا تارن ڪتين منجهان،
ڦٽڪا ڪندي ڦٽي هوا جنهن جي ڦٽين منجهان،
چٽڪار مينهن ٿو ڪري، ڇٽڪي ڇٽين منجهان،
قدرت سندي ڪمال صحت لاءِ سوکڙي،
اَلا! جُهري مَشال غريبن جي جهوپڙي

(٦)

جنهن ۾ مزو مچي مٺي ٻوڏي جوار لئي،
سادو گذر وجهي نه طبيبن ڏوار لئي،
ٻو ڙهيو وجهي ٿو واڌ وڏيريءَ ڇمار لئي،
غالب ٻوي نه حرص خوشيءَ جي خمار لئي،
ٻيوس! جتي جلائي نه چِنتا جي چوُچڙي،
اَلا! جهري مشال غريبن جي جهوُپڙي!

## سمجهي ڇڏو

تو ٻکي پردي پٺيان ڪنهن جو لقا؟ سمجهي ڇڏو
سُرت آڏو تو اچي ڪنهن جو سما؟ سمجهي ڇڏو

١- پل ۾ سؤ ميلن تائين آڻي نقش ۽ آواز کي
آهه بجليءَ جي اندر ڪنهن جي سٽا؟ سمجهي ڇڏو.

٢- ڪئن جُزا، پوُري وزن ۾، تا ملي مُرڪب ٿين!
جزُ اندر هيءَ آهه ڪنهن جي جاڳتا؟ سمجهي ڇڏو.

٣- ڪنهن ڏريا لعلن جواهر پيٽ پٿر کاڻ ۾
مينهن ڦُڙ مان ڪنهن ڪيو موتي صفا؟ سمجهي ڇڏو.

٤- پاڻي، ڌرتي، واءُ، باهه، روشني ساڳي، مگر
ڇو ٿين گل ڌار رنگ و بوءِ جدا؟ سمجهي ڇڏو.

٥- وڻ وڏي ٻج مان ٿيو ۽ سنگ داڻي مان بڻيو!
تا ڪٿي مان ڪيچ ٿين، ڪنهن جي ڪلا؟ سمجهي ڇڏو.

٦- هفت رنگي روشنيءَ مان خاص شي کا خاص رنگ
ڪئن چڙي ٿي! ۽ ڪه سانڍي ٿي پيا؟ سمجهي ڇڏو.

٧- تو جمع سان بار از خود کير ڪئن ڌائو لڳي!
کير جمندي کيس ڏي تو ايءَ سکيا؟ سمجهي ڇڏو.

٨- حالتن سارؤ تفاوت آهه ٻِرَ ٻِرَ تائين وکيل،
ڇو پلا هڪ شاه ٿيو، ٻيو ٿيو گدا؟ سمجهي ڇڏو.

٩- آهه جي قانون قدرت اصل کان اِستت، اَنتر
آهه ڪنهن جي زور جي هيءَ ساکيا؟ سمجهي ڇڏو.

Gul Hayat Institute

١٠- لِيڪ جن ٽُڪن ٻٽائي سي ته ٻي مقدار ها،
ڊگھ آئي ليڪ ۾ ڇا ڪان پيلا؟ سمجھي چئو.

١١- ٻي صفت ٽُڪو ته هڪ ٻئي ٽي سگھي ٿو ۽ نه ٻيو
پر اچي ٿو لِيڪ ۾ ڪئن جا ٻجا؟ سمجھي چئو.

١٢- ڏرسنيءَ ڪي ڏرسنيءَ جي سامهون رک ۽ نهار
ايڪ مان ڪئن ٿو ٿئي ٻي اِنتها؟ سمجھي چئو.

١٣- شڪل ڦيرو آهه پر خود جسم ٿئي پيدا نه ناس
ظاهري فانيءَ اندر ڪنهن جي بقا؟ سمجھي چئو.

١٤- بَس پوريءَ ۽ سٽيءَ ۾ ڦرُڪ ڦرُڪي پاڻ ٿو
ورنه ٻيو س جي سخن ۾ آهي ڇا؟ سمجھي چئو.

# آغا صوفي

(١)

مور مڪٽ گھنشام، اچي راڌا سان ڪر رنجهه ڪا،
مور مڪٽ منهنجا يار.

١- گھومت گھٽيون ٿي گوپيون ٽوڪي، تون ٿي منهنجو پيار،
اچي راڌا سان ڪر رنجهه ڪا.

٢- تنهنجي ڏسڻ لاءِ شيام پيارا، هردو ڪيو هردوار،
اچي راڌا سان ڪر رنجهه ڪا.

٣- تون آغا جو، آغا تنهنجو، سانولا سردار،
اچي راڌا سان ڪر رنجهه ڪا.

(٢)

ساڌ سڏاوڻ آهي سوکو، رام رنجهاوڻ اوکو آهه.

١- ساڌن جو سنگ ظاهر سوکو، قرب ڪماوڻ اوکو آهه،
رام رنجهاوڻ اوکو آهه.

٢- گنگا جمنا جاوڻ سوکو، من کي مارڻ اوکو آهه،
رام رنجهاوڻ اوکو آهه.

٣- شيخي پيري سيکڻ سوکي، سخي سڏاوڻ اوکو آهه،
رام رنجهاوڻ اوکو آهه.

٤- آغا نينهن لڳاوڻ سوکو، نينهن نڀاوڻ اوکو آهه.

Gul Hayat Institute

# نواز علي جعفري "نياز"

## گلاب جي گل کي خطاب

(١)

اي سدا سهڻا، گلستان جي گلن جا تاجدار!
آهه تو تي هر چمن جي، حسن جو دارو مدار.
سال سارو باغبان، تنهنجو ڪيئي ٿو انتظار،
ٿيا چوان، تو لئه فقط بلبل نه آهي بيقرار،
تنهنجي لئه هر تار سنبل جي پريشان ٿي رهي،
چشم نرگس جي ڏسي توکي نه حيران ٿي رهي!

(٢)

ماڪ ۾ پي مٺي ٿي ٿئي، تنهنجو ٿي پيمانو ڏسي
تو ۾ ڪان ٿي آگي ٿئي، سڀ ڪو مستانو ڏسي
ڪين ٿيو بيهوش جو، هرگز پريشانو ڏسي
تو ٿئي گلشن ۾ سو، دانا به، ديوانو ڏسي
عطر ڀڄي وئي صبا، جا آئي تنهنجي روبرو
جنهن کي پهتي تنهن کي ٿي، تنهنجي ڏسڻ جي آرزو!

(٣)

تازگيءَ ۽ تنهنجي خوش رنگيءَ تي توکي ناز آهه
ناز ۾ وري غرور ۽ حسن جو انداز آهه
سچ ته چؤ هي ناز يا انداز يا اعجاز آهه
سر بسر جنهن ۾ سچو قدرت جو مخفي راز آهه
حسن سيڻي ڪان نرالو، تون ونئي پيدا ٿئين
تنهنجا سڀ شيدا مگر ڪنهن جو نه تون شيدا ٿئين!

( ٤ )

تُي لَئي لوڪي ڏسي ھيءَ دل جي بلبل باغ باغ
تنھنجي خوشبوءِ سان معطّر ٿو لڳي سڀ جو دماغ
ناھہ لالہ تنھنجو ھمسر، اُن جي آھي دل ۾ داغ
ٿو ڪي ٿا ھر باغ و بستان جو چون چشم و چراغ
تُي نھي تو ساڻ اُي ھر بزم ۽ ھر انجمن
ھڪ نہ پوءِ ھر ھر ڪنداين تون ناز، اي نازڪ بدن!

( ٥ )

جنھن کي ھٿ قدرت جو ناھي، ڇو نہ سڀ کان سر لڳي؟
ماڪ جي سو ڪئن نہ موتين ساڻ زيباور لڳي؟
پرتوي خورشيد جي سان، ڇو نہ سارو زر لڳي؟
ڪئن نہ سو خورسند و خندان خرّم و خوشتر لڳي؟
سو چمن جي تخت اي پوءِ ڪئن نہ تُي جلوه فگن
ڪئن نہ سڌ جي گل اُھو، ڀڪي نہ اُن سان ڪئن چمن

( ٦ )

نسترن لوڙي ھجي سوسن، صنوبر ياسمين
آھين تون سيني چمن جي نو نھالن کان حسين
ڇا لطافت تنھنجي ۾ ڪھڙو نہ آھين نازنين
ھي عجب ناھي جو آھين خار جو تون ھمنشين
دُور ڪر ھن خار کي، رک پاڻ کان بالڪل پري
ڏس نہ ڪئن منحوس دامن تنھنجي پرزا ٿو ڪري!

( ٧ )

تنھنجي دامن چاڪ لڳي، بلبل جي دل ٿي چُور چُور،
خار پاسي ۾ ڪري ھن کي چوان "ٿي دُور دُور"،
تُي چوي بلبل نہ ھي، سيني ۾ آھي سخت سور،

جي کلين ڪنهن سان نہ ٿو، مُرڪين تہ ٿو ڪنهن سان ضرور
جي لڳين مون سان بہ مُرڪين، سؤ دفعا صدقي وڃان
عمر ساري ڳوڙها ٻہ ڳاڙيان، مهربانيون ٿيون مڃان!

( ۸ )

روز شب هر وقت ٿو، تون گڏ گذارين خار سان
باغبان، صيّاد، گلچين سان، هلين ٿو پيار سان
ٿي مري بلبل، جا تنهنجي درد ۽ آزار سان
چو نہ الفت ٿو رکين، ان ٻره جي بيمار سان
ٿو ڪري بلبل جي سفارش ٿي ڪري باد صبا
چو ٿو سر ڌوڻي ڪرين انڪار تون اي بي وفا؟

( ۹ )

ٿو لڳي سرهو گهڻو، ٿو ڪري ڏسي بيمار ٿي
تنهنجي لطفي لي ٿئي، راضي ٿو شاهوڪار ٿي •
مثل زيور لوڪي پائي، مفلس و نادار ٿي
زيب تون آهين ڪَنَ جو ۽ ڳچيءَ جو هار ٿي
تنهنجي مَٽْ هرگز نہ چاندي سون جو زيور ٿيو
تنهنجي ڏاڻيءَ لي سدا خوش سيڪوئي افسر ٿيو!

( ۱۰ )

هئي اڳي پوشاڪ تنهنجي سبز، تون هئين پارسا،
خون ڪنهن جي ڪٿي تو، سرخ هيءَ پنهنجي قبا،
ڪنهن جي هيءَ ڳاڙهن ڳلن جي ڏسُ تہ سرخيءَ آهہ چا
يا هئان ڪنهن حسن واري جي لڳي لوڪي خفا
خير، جي ڪڻ ٿي ڪٽي تو ٻار ڪي ڪيو سرخرو
ڪر مونکي ٿي خوش، ٻڌائي پنهنجي رنگين گفتگو!

( ١١ )

آهين بيشڪ دل ڏيارڻ لاءِ ٻِي چالاڪ تون
پيو خزان جي خوف کان ٻي تو رهين بي باڪ تون
پر ٻڌائيندين تہ آهين ڪنهن جي لاءِ غمناڪ تون؟
ڪنهن جي غم ۾ تو ڪرڻ پنهنجي گريبان چاڪ تون؟
تو هنجوُن هي ماڪ جي صورت ۾ هارڻ ڇو ڀلا؟
آہ توکي ٻي محبّت جي مرض ڪيو مبتلا!

( ١٢ )

تنهنجي دل ۾ شوخي ۽ نرمي برابر ٿو ڏسان
ڪو نياز ۽ نازِ ۾ تنهنجو نہ همسر ٿو ڏسان
گهرمت جي سِهڻ ۾ توکي ٿي سراسر ٿو ڏسان
لاش لئي ٻيءِ، قبر لئي ٻيءِ، توکي اڪثر ٿو ڏسان
موت ۽ شاديءَ ۾ آهين تون شريڪ، اي مهربان!
ڪئين نہ توکي آفرين، صد آفرين، هر هر چوان!

( ١٣ )

سڀ حسين دنيا جا تنهنجي ٿِي رکن ٿا آرزوُ
ٿا رکن توکي اکين تي، مہ جبين ۽ ماهروُ
ڪو بہ نازڪ، ناہ نازڪ، تنهنجي نازڪ روبروُ
مان اِجا تعريف ڪيان تنهنجي گهڻي، اي خوبروُ!
پر ٿئي ٿو خوف هي، سمجهي متان پنهنجو رقيب
ڪا ڪري ڪنهن سان شڪايت منهنجي، بلبل بدنصيب!

( ١٤ )

تون جِئين جڳ جي ڇڱائيءَ لاءِ ٿو، شل هردم جِئين
مهربان هڪ جهڙو دشمن ۽ سڄڻ تي ٿو ٿِئين
مُهن ڏسڻ پنهنجو سدا جي باغبان کي ٿو ڏِئين

Gul Hayat Institute

ڪين غنچن کان ٻـ هرگز منهن لڪائي ٿون وِٺـين
ٿوڪان هڪ جهڙِي ٿا هوُ خوشبوُ ٻـ حاصل ڪن ٻئي
هڻن ڪندي اَحسان ٻين تي عمر سڀ لنهنجي وَڃـي.

( ١٥ )

هي ٻڌِي سڀ گـل چيو مونکي زبانِ حـال ۾
”هر حسين جـو حسن ڪم ٽِڪندو وڃـي هـر سال ۾
پائـداري ناه ڪنهن سهڻي جـي خـطّ و خـال ۾
چو ٿِي بلبل پنهنجو جـيءُ ناحق وجهي جنجال ۾؟
جي خزان آئـي لـہ مان لهڻي ۾ ٿيي وينـدس فـنـا
ڇا انهيءَ سان لائجي دل حسن جنهن جـو بـي بـقـا؟

( ١٦ )

دل رکـڻ اُن سان گهرجي آهـہ جيڪو لازوال
ذات جنهن جـي پاڪ آهي هر صفت ۾ بـا ڪمال
ڪين مونـي پـي ڏسي جنهن جو سگهيو حسن و جمال
ڇا نـہ آهي پارسيءَ واري جـو هـي سهڻو مـثال:
'هـر ڪجا نقشِ نڪو بيني بـر اوُ مائـل مباش
نقش را از دل رها ڪـن، عاشـقِ نقّاش باش!'

Gul Hayat Institute

( ١٧ )

اي نياز اَج گهر دعـا اُن کان جـو آهي بـي نياز:
گل هجي خندان هميشه، عمر ٿـئـي گـل جـي دراز
ناز بلبل گـل تي، ۽ گل پـي ڪري بلبل تـي ناز
تن جـي صدقي پـار ٿوسان پـي ملائـي ڪارساز
ڏس تہ ڪئن لنهنجي دعا جلدي ٿئي ٿـي مستجاب
جو اَسان جي ربّ جـي رحمت بہ آهي بـي حساب!

## سوڀراج نرملداس "فاني"

### مقابلو عشق ۽ عقل جو

عشق آزاد پڪي، عقل گرفتاري ۾
عشق کي ڪين ڪي، عقل کي هوس جاري ۾.

عشق جاندار ۽ بيجان ۾ جانب پيڪي
عقل کي پيدا پرم، پڪي پيٽ زاري ۾.

عقل آپ جي سياڻي ۾ پريشان سدا
عشق آپ کان ڇڙل پيار جي قلواري ۾.

عقل طوفان ۽ طولان جي بهتان ۾ ڏو
عشق مسرور ٿو محبوب جي گلڪاري ۾.

عقل کي مان ڪپي ملڪ ڪپي مال ڪپي
عشق کي جهد جفا، لات سخت واري ۾.

عشق هند سنڌ کي گهوري ٿو مڪ محب مان
آهي ڪو جادو پرو حسن جي هسواري ۾.

عقل جي دوڙ لي انسان پريشان سدا
عشق آدم کي مٿانهون ڪري مختياري ۾.

عقل کي عطر ۽ عنبر مان طراوت ٿاڻي
عشق پرساڻ پسون حب جي هبڪاري ۾.

مون ڪلوڪيت لي ڪر لطف مان دادار نظر
منهنجي اميد ڏٽي تنهنجي ئي داداري ۾.

عشق جنسار سان ڏسدار ۽ وندران ورسان
موُن وروُنهن ڪانه توٽي ٻي ڪا ٺاهڪاريءَ ۾.
دور نت لطف جو تنهنجي هُجي قائم ساقي
ڪا چُڪي بخش مُڪي محفل ميخواريءَ ۾.
توُن خطا پوش عطا بخش ڏٺي مون رهبر
لُطف هر منهنجي وهي آهه تلف زاريءَ ۾.

## تو ۾

١. پوُرانن تي مَسن نه پورج، پندار حسن تو ۾؛
گهنگهورن تي گهور نه گهورج، گلزار حسن تو ۾.

٢. دل ڪيئن لاءِ تنهنجي، نازڪ هزار پتليون؛
ايمان ڪين ٻورج، انبار حسن تو ۾.

٣. پنهنجي اندر تي ساڪي، سَڄ ڏج توُن ماڻ پنهنجي؛
ٻن وجهه ٻين جون پوليون، تمثار حسن تو ۾.

٤. تصوير ڪانه ڪامل، گل ساڻ ڪنهن شامل؛
ٻٽيو بهار تنهنجو، ٻي خار حسن تو ۾.

٥. هيرن جواهرن جس، ريشم ۽ ذيق اطلس؛
سڀ شيءِ ڪان سرس بالا، سينگار حسن تو ۾.

٦. او جان جا دلاسا! توري نه ٻي ڪا آسا؛
فانيءَ رسي طراوت، هڪار حسن تو ۾.

Gul Hayat Institute

# حيدر بخش جتوئي

## درياه شاه

اَيا سنڌ جا شاه فضل الله - اَيا هند جا حسن زاور ۽ جاه،
اَيا فخر دنيا، خدا جي نگاه - تونگر ۽ مسڪين جي پشت ۽ پناه!

توکي اَبر رحمت - توکي رَنگ شفقت
سندم جان توءِ - ۽ ايمان تو ءِ!

چوي توکي دم دم محبت ۽ چاه -
پلي آئين، جي آئين درياه شاه!

سندءِ پاڙ ساري جهان جو آ لخت -
جتي ميٺڙن موتين سندو آهه سخت

وهي تر عتان هر هميشه جو بخت -
هي دنيا ۾ آهي بهشتي درخت

جو چاهي، لهي تو، ڪٿي ئي رهي تو،
فرنگي ۽ هندي، جپاني ۽ سنڌي!

منجهان آهڙي سندر سخي بارگاه -
پلي آئين، جي آئين درياه شاه!

هتان پاڪ گنگا جو آغاز ٿئي -
۽ جمنا جو پي ناز انداز ٿئي،

ئي بنگال برهما سان دمساز ٿئي -
هتي ڪشف الله جو راز ٿئي:

زمين آسمان سان، عرب گلستان سان،
پيا هتڙي گڏجن، مخالف به سڏجن!

هتي فرق مشرق ۽ مغرب جو ناه -
پلي آئين، جي آئين درياه شاه!

Gul Hayat Institute

اَچين ماڻسرور مان ڪشمير ۾ -
۽ باغ عدن واري تصوير ۾
پرين تنهن کي خوشبوءِ اڪسير ۾ -
مُفرّح ڪٽي سنڌ لاءِ سير ۾

ڏئين دل کي فرحت، ڏئين روح راحت،
۽ ڪيلاش پربت، مٺهان شير شربت،

۽ گلزار گلشن جا آئين اُلاهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه!

تڪر تاڪي پهچين تون پنجاب ۾ -
وڃي توکي پنجاب آسو خواب ۾
پرين ملڪ کي خراب ۾ آب ۾ -
وڃين آب کي ڪين گرداب ۾

وڃون چاڙهيون لاهيون، نيون واهه واهيون،
چڙي گوڙ گهمسان، هلين تون مزي سان!

اي روح روان، صاحب عِزّو جاهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه

Gul Hayat Institute

ٿي راوي اچي تنهنجي ديدار تي -
۽ ستلج جهلم نمسڪار تي،
ٿين مست ٿيون تنهنجي للڪار تي -
ڪِرن تنهنجي قدمن جي آڌار تي،

ٿين تو تان قربان، فنا پنهنجي ڪن جانِ،
ڏين پاڻُ پنهنجو، لهن وصل تنهنجو!

جو ميلو سمايل فنا اندر آهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياهه شاهه

تون داخل ٿئين سنڌ ۾ تـو اهو -
جا آ عشق تنهنجي ۾ اعلا اَسرُ،
سحر وقت، سنڌي، اَڃي ٿي حقيرُ -
ڪري تنهنجي پوڄا، مڃي توکي پيرُ!

اي سنڌو سدائي، تون ڪر سنڌ سائي،
تون همدم سان ره، وفا سان هميشه،

جو سنڌوءَ سوا سنڌ جي ڪجهه به ناهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياه شاه!

تون آخر وڃي سمنڊ ۾ گم ٿئين -
تو ٽڪرن ۾ جهلن کان بي غم ٿئين،
۽ بي اَنت ساگر سان همدم ٿئين -
رمُوز خوديءَ جو تو محرم ٿئين؛

ابد ذات تنهنجي، همه ساٿ انهنجي،
تون هر شيءِ جو ماڻو، سنڌ سڀ لئي ساڻو!

ٿر ۽ بر کي بخشين تون رنگ ساهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياه شاه!

سو اوّل ۾ تنهنجو سمندر ۾ گهر -
لپٽ عشق جي ٻار ڪرايءِ سفر،
گهمئين ملڪ سهسين، ڏٺيءَ شهر ٻَرَ -
هماليه لئي ورتي تو شڪلِ گهرَ!

ٽيو پاڻي گوهر، پيو سمنڊ اندر،
سمندر مان جائين، وري تنهن ۾ آئين،

هي دنيا آ چرخي سنڌي چاڙهه لاهه -
ڀلي آئين، جي آئين، درياه شاه!

Gul Hayat Institute

ٿـــي ســـاوڻ ۾ لوڪي ٻهاري ٿئي -
ٻهاريءَ ۾ خوش خلق ساري ٿئي ،
ٿي ساريءَ سان ڏرلي ۽ ڪاري ٿئي -
ٿي هرڪا زمين ڀرڪ واري ٿئي -

ڀيون رڃ ڪائن ، سگهو اَن اُپائن ،
ڀرن واه رلا ، ڪري جهنگ ڀلا ،

ٿئي جهنگ جهر پاڻي تــو چار ماه -
ڀلي آئين ، جي آئين ، درياه شاه !

دم عيسيٰ ڦرڪين تـو هـر وڻ ۾ -
ڪسي سڪا سهڪي پئي چاه ۾ ،
ڪٽس آب حيوان اَچي گــاه ۾ -
قــدم خضر جـــو آه هـــر راه ۾ ،

ٿئي جهنگ گلشن ، ۽ هـــر بـــاغ روشن ،
ٿي هر ٻُوٽي ٻهڪي ، پکي تنهن تي ٽهڪي !

ڏناري تو اکڙين کـــي هر گاه ، گاه -
ڀلي آئين ، جي آئين ، درياه شاه !

خوشيءَ ۾ نـــه ماپين تـــو او نهاري ۾ -
پڇي تنهنجو پاڪر ڪچهري ساري ۾ ،
ڪري ٽنگ اون ٻنڌ کـــي گهاري ۾ -
اچي شل نه ڪو گهاري لهواري ۾ ،

ٿئي ٻڌ ٻـــر مان ! مڃي تنهنجو فـــرمان ،
ســـڙن پوکون ساڻون ، ٿين غرق جاڻون !

ڏون ٻيحد خوشيءَ مان نه ماڻهن تي ڪاه -
ڀلي آئين ، جي آئين ، درياه شاه !

ٻيلا ٻيڙي تنهنجي ڇُهي آسمان -
چڙهن جنهن تي "حيدر" شل آس مان!

هي سچ نوح جي ڪشتيءَ جي آ سمان -
جنهين جي سڙهن آ ڇتيو آسمان،

ٻيلا اوج تنهنجي! ٻيلا موج تنهنجي!
عجب تنهنجيون ڇوليون! ڏين دل کي لوليون!

هيَ لوليون، تنهن ٻوليون ڪري، نين ساه!
ٻلي آئين، جي آئين، درياه شاه!

Gul Hayat Institute

# ايڪراج عزيز

## پوساتي ڪڪر

وهس ڪاري ساڻ هوا تي آيو پوساتي ڪڪر،
ٿو ڇڏي ڇم ڇم ڪيو، عاقل! اون ڪر مون ڏي نظر.

١- تون وهين ٿو ڇڙي هوا جي دوش تي دائم سوار،
پر نه هڪڙي منٽ لئه پڻ مونکي آهي ڪو قرار.

٢- مون ڪئي پنهنجي حياتي وقف خدمت واسطي،
تون وهين تيار ماڻهن لاءِ محنت واسطي.

٣- باغ يا ڪو راغ يا ڪو خار يا گلشن هجي،
بي تفاوت نيڪ بد جي تون وسين دائم مٿي.

٤- پٽ، وساڻل ۽ سڙيل آباد مون کان ٿا ٿين،
سڀ مرُون، ماڻهو، پکي دلشاد مون کان ٿا ٿين.

٥- گو ته منهنجو ارغوان آهي اُجايل واسطي،
سڪ سندو آهيان سنيهو ٿيو ستايل واسطي.

٦- مون کي ڏسندي پنهنجا ڏڪ ڪاهيو هلن ٿا سڀ ڏنار،
منهنجي سببان ٿا اُڇن سنسار ۾ سانوڻ سڪار.

٧- منهنجي سيني ۾ اگرچ باهه پڙڪو ٿي ڪري،
پر انهيءَ بجليءَ کان دامن ڪين ٿو منهنجو ٻري.

٨- مان وسان، پوءِ ٿو فنا ٿيان ۽ هوا ٿي ٿو وڃان،
راس ڪم لئه منهنجو ٿئي، پوءِ پاڻ کان گم ٿو ٿيان.

٩- شڪل ڏونهين جي آهيم، جو درد آهيان عشق جو،
يعني عالم جي محبت ٿي رهي منهنجو مٿو.

Gul Hayat Institute

١٠- سعيو بـــي حاصل نـــہ منهنجو آهہ عالـمَ واسطي،
منتظر دنيا رهي ٿـي منهنجي ان ڪـــم واسطي.

١١- بي رلـــا آهيان، اڄوري جي نـــہ آهہ جستجوُ،
تو ڪان دل صاف سڀ سان، ٻي نــــہ آهہ آرزوُ.

١٢- آرزوُ آهہ دنيا موں ڪـــان ڪنهن ٻـــرِ سير ٿئي،
شال عالمُ خوش رهي، دنيا سڄيءَ جو خير ٿئي.

١٣- دوست دشمن جي نہ مؤن وت آهہ ڪا ڀاڪل پُڇا،
ڇـــا ڪار ۽ ڇـــا ڄمل، ٻـــڙ خار ڇـــا، گلزار ڇـــا.

١٤- هي نديون نارا ۽ نديؤن ڀورا، جي ساهون تو ڏسين،
ســـي اَئـي مونـڪان ٿيا پُر، وسلو چر تو رهين؟

١٥- ياد ڪر، انسانَ غافل! منهنجي پيدائش ڪـي ڏِسُ،
۽ ٿوري ٻنهنجي شرف ۽ زيـــب آرائش ڪـي ڏِسُ.

١٦- جي بلندي تو گُهرين، تـــا خاق جو ڪر ٻيو پلو،
خلق جي خدمت ڪان غافل رہ ڪڏهن هڪ دم نہ ڪو.

Gul Hayat Institute

## غـــزل

هجر جا سڀ سهي آزار مري وينداسون!
دل لي پٿر رکي، اي يار، مري وينداسون!
آہ گلي لڳہ اچي دلدار، مري وينداسون!
زندگي صرف ٿي ڏينهن چار، مري وينداسون!
چال ڪان شوخ لنهنجي، روز چلن تلواروں،
جي رهي جاري هي رفتار، مري وينداسون!

ٽوڪي سمجهايم دل، واٽ نه وڃ ڪُلرُوُ جي،
راهه آهي اِها پُر خار، مري ويندا سون!

ٿون مسيحائي ڪرين يا نه ڪرين، اي جاني!
لعل لب ٿنهنجي تي سؤ بار، مري ويندا سون!

ڪرڻ اکيون، يار! محبّت جي مريض ڏي نهار،
ورنه پرهيز کان بيمار، مري ويندا سون!

آهه قيدين کان ڪُلي، سخت ٿيو قيد حيات،
روز هڪ هڪ ٿي گرفتار، مري ويندا سون!

نقد دل جي سان نهي دل جي ڳنهڻ جنس، عزّيز!
ورنا مرِي هاڻ خريدار، مري ويندا سون!

Gul Hayat Institute

## پرسرام ضيا

# پرديس ۾ وطن جي ياد

ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

گوپ گوپال ۽ گهنشام ۽ گرڌر خوش ها؟
عُرس موُسو ۽ خَميسو علي اصغر خوش ها؟
رام ڪرشن ۽ ڪنئيو هري شنڪر خوش ها؟
گُل محمّد ۽ ڏتي بخش ۽ اَڪبر خوش ها؟

ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڏي حسينن جي خبر، ماهجبينن جي خبر
ڏي حبيبن جي خبر ۽ ڏي رقيبن جي خبر
بي سُرين جي خبر ۽ ڏي سُرين جي خبر
بادشاهن جي خبر، خاڪنشينن جي خبر

ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

باغ ۾ باد صبا هاڻ به ايندي هوندي!
سَت بهاريءَ جي اَچڻ جي اَچي ڏيندي هوندي!
هاڻ پي مُکَ اچي مُکڙين جا پٽيندي هوندي!
۽ خزان جي مٿان غالب اَچي ٿيندي هوندي!

ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

شاعرن جي ڏي خبر ڪئن ڏٺئہ تن جو سنسار؟
هاڻ پي پڙهندا هوندا گڏجي اَنوکا اَشعار؟
گل ۽ بلبل جو اَڃا پيا ڪندا هوندا اظهار؟
۽ سخن پنهنجي ۾ مهراڻ جا موتي نروار!

ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڏي مريدن جي خبر - ڏيو لون پيرن جي خبر
چوڌريءَ جي ڏي خبر - ۽ ڏي وڏيرن جي خبر
شيخ جي ڏيو خبر - ۽ ڏي برهمڻ جي خبر
مکي صاحب جي خبر ڏيو - ڏي پنچن جي خبر.
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڏيو هندوءَ جي خبر - ڏيو مسلمان جي خبر
ڌرم وارن جي خبر - صاحب ايمان جي خبر
ڏيو پنڊت جي خبر - حافظِ قران جي خبر
خوش رهڻ وارن ۽ حالِ پريشان جي خبر
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڪئن هاري ٿا هلن ۽ ڪئن ٿا زميندار هلن؟
ڪئن ٿا مزدور هلن ڪئن ٿا زردار هلن؟
ڪئن ٿي بازار هلي، ڪئن ٿا واپار هلن؟
ڪيئن ٿا پنهنجا هلن، ڪيئن ٿا اغيار هلن؟
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڪيئن ٿي پوک پچي، ڪئن ٿا هنر فصل ٿين؟
ڪيئن پاڻي ٿو ملي، ڪئن ٿا عملدار هلن؟
ڪيئن پاڻي ٿا لڌهن ڏِسن جڏهن نوٽ وٺن؟
جي انهن آهي لاءِ ڪم هو متي دانهن ڏين.
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڳوٺ جي باغ ۾ ايندا هوندا ڳائڻ وارا!
سارنگي مٽڪو ۽ يڪتارو وڄائڻ وارا!
سڀ ڪنا ايندا هوندا رنگ ڄمائڻ وارا!
عشقِ الله جو آلاپ ٻڌائڻ وارا!
ملڪ منهنجي مان اَچڻ وارا خبرچار ٻڌاءِ!

ڪيئن تهذيب آهي ڪيئن سڀيتا آهي؟
علم جي لاءِ اُچا چاهه ۽ چنتا آهي؟
ڪجهه وڏن واسطي ننڍڙن ۾ نمرتا آهي؟
هڪ ٻئي ڀيو مڃي اهڙي اڃا مڃتا آهي؟
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا خبر چار ڏِئاءِ!

بخت بگڙيو ته خفا ٿي پيا قسمت وارا
خوب بگڙي پيا مذهب ۽ سياست وارا
رُٺي قسمت ته رُسي ويٺا محبت وارا
هاڻ سي ڪيئن ٿيا هلن زور ۽ طاقت وارا؟
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا خبر چار ڏِئاءِ!

دشمني جن رکي خوش هوندا عداوت وارا
بي سبب بگڙي پيا ڪيئن ته محبت وارا
شڪوو ڪنهن جو نه اُنئون ناهيون شڪايت وارا
خوش رهن شال ضيا! ظلم جي عادت وارا
ملڪ منهنجي مان اُچڻ وارا خبر چار ڏِئاءِ!

## سڀ سيلاني

Gul Hayat Institute

تون سيلاني، مان سيلاني
اَگر ديس ڪان آيا آهيون - سير ڪرڻ سڀاڻي.

١- آهي اسانجو ڏسڻ پسڻ ڪم
ڪين جڳائي هِن هُن جو ڪم
سيلانين جو سير سان مطلب - وسڻ ڏجي يا ويراني.

٢- پنهنجو ۽ نه پرائو ڪوئي
چڱو لڳو يا لائو ڪوئي
اسين مسافر، فرق رکون ڇو - ڪريون ڇو ناحق ناداني؟

٣- قدم قدم لئي ڪاڪ محل آهه
مومل مايا جو ڇل ول آهه
راڻي وانگر رمز سان هلندو - جڳ ۾ ورلو ڪو ڳياني ۔

٤- مايا نگريءَ مَنُ ڀرمائي
ڪٿ نه مسافر ٿي ڀٽڪائي!
ديس ٻلائي پرديسين کان - دلڪش دنيا هيءَ فاني.

٥- دنيا جي گلزار ڪئي ڏس تون
گل ڪي ڏس تون خار ڪي ڏس تون
پيار ۽ نفرت سان ڇا لهندو - نظر کپي ٿي يڪساني ۔

٦- اَک اَٽڪي، پر دل ڇو اَٽڪي؟
ڀونئر مثل من ڇا لءِ ڀٽڪي؟
آس جو پينهن نهوڙي نيندو - حاصل ٿيندي حيراني ۔

٧- پنهنجي آدي ذات سڃاڻج
ٻاڻ ۾ پيهي ٻاڻ کي ڄاڻج
موڙي کان پد لهندو اوڇو - لال ضيا تون لاثاني ۔

Gul Hayat Institute

# سڳن آهوجا

## غزل

دل رکي دل سان نڀائڻ وارا،
ڪنهن جي دل ناهيون دکائڻ وارا.

١- دُور ڪان ڏسان ڇڪائڻ وارا،
شل ٿين پيرِ به وسائڻ وارا!

٢- دعوئون ديد جون جهڙي ويندءِ،
چوطرف ديد وڌائڻ وارا!

٣- داوَ پهرين ۾ ٿي دل هارايم،
بي دليا داوَ لڳائڻ وارا!

٤- دعويٰ پنهنجائيءَ جي ڇڏڻي پوندي،
حال دل جو نه ٻڌائڻ وارا!

٥- پاڄندا ٻونگ جنڻ جا ته وڄن،
ڇا پلائن ته پُلائڻ وارا!

٦- شعر منهنجي جو ٿيو رُوح، اَچو،
منهنجيءَ دل ۾ نه سمائڻ وارا!

٧- ڪنهن کي رهبر نه ته دنيا ۾ ملن؟
فيض پائن ته ڪي پائڻ وارا.

٨- خوب چاڙن ته دعائن جو ڪمال،
مونکي منزل تي رَسائڻ وارا.

٩- پهرين ڏس ڪنهن سان پلئه اٽڪيو ٿئي،
"عشق کان پاند ڇڏائڻ وارا!"

١٠- تنهنجي نيڻن جي چمڪ ٿا چاهين
"رنگ محفل ۾ جمائڻ وارا."

١١- عيش نظرن کي ڪرائڻ وارا،
خوش رهن دل کي سنائڻ وارا!

Gul Hayat Institute

## دُڪايل

# ڳوٺاڻو گيت

پين ڪتڙي پيهي ٿي پيهي پل پل ڪريان پُڪار،
ڪانءَ لنگهي تو طرف مُنجهان ٿي، مَن جو پهچئي پار.

١- رونبا نڪتا، اوڀر نڪتا، نڪتو پئي چنڊ ساهُه،
ساوڻ مان پيلا ٿيا ليلا، لابُ پيو، ٿيو ڳاهُه،
ڪڏهن به ڪون آئين تون مسافر، ڪهڙي ڏيهه ميار؟
پين ڪتڙي ..........

٢- واڙ ۾ ڇج ويهَه ويهَه پيرا، چڙ ٿي هَٽَ مان نڪتيو،
پيارو پورهيو بار لڳي پيو، ٿوريءَ هڏ هڏ ٽِڙڪيو،
تَنُ ميرو ٿيو ڏُوڙ وَسائي، ه وچا م وار،
پين ڪتڙي ..........

٣- ڏيرا ميرا لڳن، مسافر! تو لئه ڪيو جي ڏيرو،
او طاقن ۾ اونده پانيان، پيو نه جي لنهجو پيرو،
مَنُ منهنجي ڪئي ڪين وٺن تا تو ريءَ اَن انبار
پين ڪتڙي ..........

٤- اُکريءَ ۾ مُنهن پائي، وهني مُهري تئي ڪڙڪاهان،
آهٽ پائي، چرڪ پري، اَڪ وَر وَر ڏَر ۾ پاهان،
مايوسيءَ کان اَن ڪٽن ڪي ڪيڏي ڏيهان تئي مارَ
پين ڪتڙي ..........

٥- آسُ وڃائڻ واري ناهيان، چئو ته ڳهيلي آهيان،
ڪڏهن نه دم دم دڳ واجهائي پئي ٿي دل پرپاهان،
ليت نه هڪ ڏينهن ايندين ”دڪايل“، پاڙيندين اقرار
پين ڪتڙي ..........

Gul Hayat Institute

## ڪيدارداس ”فاني“

# جيوت ۽ موت

( ١ )

دنيا کي عذابن جو آستان ڇو چون ٿا؟
وستيءَ کي بيابان ۽ ويران ڇو چون ٿا؟
هلڪي هوا کي، هيسجي، طوفان ڇو چون ٿا؟
جيوت گران، موت کي آرزان ڇو چون ٿا؟
ليڪن جهان ۾ خوب آ خوشين جو خزانو،
فڪرات رنج غم آ بهانو ۽ فسانو.

( ٢ )

آئي پلا جي وار سان گلزار ۾ خزان،
چئجي ڇو: ”جيئڻ پڻ ڏکن، ڇڏڻ ٿا ڏار مان،
ساوا سڪي ڪريا ۽ جدا ٿيا شجار ڪان،
دنيا ۾ ٽيئن آهه هي انسان لامڪان“؟
يڪسان هجي گرچ هي دنيا جو ڪاروبار،
مشڪل ٿي هلڻ - آ مزو هر شيءِ ۾ ڏار ڏار.

( ٣ )

آڪاس ٽان جي اندر - ڏاش جي لي جهڪائي،
نچندي ڪسي پيا ڏهڪ ٽڪي سان نظر آئي،
گهنڊي، عجب! گهڙيال وقت سر جي وڄائي،
ڇو چئون: ”نه عمر هاءِ! وڃي ڏهندي آجائي؟“
اونده جي گهڙيءَ ۾ ڇو سهائيءَ کي وساريون؟
ناحق ڇو وندر گاه ۾ گوندر ۾ گذاريون؟

( ٤ )

زاهد ٿو جڏهن جهد جفائون ۽ جپ ڪري،
سورهيه جي اندر جنگ جو ٻارڻ ٻه پيو ٻري،

Gul Hayat Institute

هو ڪين اَچي خيال موت جو ذري ذري؟
مقصد لو ڇڏي وهم اِنهيءَ ڪان ڀري پري.
چاڙهو تا چڙهي و پهداسون ڪٿهن وقت هي جهان،
پر اِڳ مرڻ کان ڇو رهون غمگين ۽ پريشان؟

( ٥ )

پينو جو ڪلپ ـ برڇ آ دريـاه ڪناري،
هينان جنهين جي ناگ اگر چال پيو ماري،
هاري همت فـقط ڏسون نيٽن سان نهاري!
ڏ چنـدي بلا کان ڇو ڇڏيون ميوي کي وساري؟
هيءَ زنـدگي آ امرلي درخت جي برابر،
مرڪ جي نظر زهر ڏي ڇڪجي ٿي سراسر.

( ٦ )

گهر ۾ جا بتي ڪاچ هوا جي لي ڀري ڻي،
نت سوجهري سان جاه سموريءَ کي ڀري ٿي،
جهوٽي هوا ڪان پار وسامڻ جا ڪري ٿي،
ڪٿهن ڪان بہ گهڙي موت جي ڪٿهن پر نہ ٽڙي ٿي.
هت سان هوا جي خوف ڪان ٻرندي ڇو وساڻون؟
جيوت جي جوت موت ڪان ڇا لاءِ ٿا ٻجهائون؟

( ٧ )

لوڪي نہ ڪهي آهي ڪا وڻن ۽ وڳن جي،
چولي ٿي مگر ياد اچي لوڪي ڪفن جي!!
خلعت لو پڪي آه ڇو وهن ۽ خفن جي؟
ڳنٿي ڇو ڪجي پيگهه ۾ لوڏن ۽ لمن جي؟
ڪڪرن ۾ لڪل شمس کي ڏس تون نظر ڪري،
اونده جو ٿڌهن پردو ٿي فاني پري پري.

# رام پنجواڻي

## خيال هڪ، روپ ٻه

(١)

دنيا حيراني - دنيا حيراني

١- ڪوئي چوي آهي دنيا ماڪ جو قطرو
جنهن ۾ رهي جان کي نت موت جو خطرو - دنيا حيراني....

٢- ڪوئي چوي ٻرندڙ نگر موج مثل گهر
جنهن ۾ رهي عيش ۽ عشرت ڀريو گذر - دنيا حيراني....

٣- ڪوئي چوي آهي دنيا جنگ جو ميدان
سو رهي سو ڪٽي سوڀ جيڪو جنگ پهلوان - دنيا حيراني....

٤- ڪوئي چوي آهي هيءَ ماتم جي نگري
هڪڙيءَ ٻه گهڙيءَ لاءِ نه آرام جي نگري - دنيا حيراني....

٥- ڪوئي نه سلي رام سگهي راز دنيا جو
هر سر سان نرالو ٿيو وڃي ساز دنيا جو - دنيا حيراني....

هر شخص جي دنيا سندس خيالن جي برابر
٦- ان شخص جي رهڻيءَ جي چالن جي برابر - دنيا حيراني....

(٢)

١- گهمي ڪعبو ڏٺم گهمي ڪاشي ڏٺم -
سڀ جاءِ سڄڻ سردار ڏٺم
جيڪو مسجد ۾ سو ئي مندر ۾ -
ساڳيو دلبر دل ۾ دلدار ڏٺم.
٢- جپ جاپ ڪيم پوڄا پاٺ ڪيم -
وڃي گنگا تي اشنان ڪيم

سو چئي سمجهي وڏا پڙان پڙهيم -
ساهون قدرت جو ڪرتار ڏٺم .
سڀئي مومن پاڪ قرآن پڙهيم -
سڀ روزا رکيم ۽ نمازون پڙهيم
ڪل شرط شريعت جا پاڙهيم -
اوڏو محبت منو مننار ڏٺم .
٤- وڃي ديول ۾ دن رات رهيس -
وڃي عيسيٰ مسيح جي پاند پيس
پهچي مالڪ جي دربار ويس -
پنهنجي نيڻين عجب اسرار ڏٺم .
٥- پوندي پوندي رام شهر ۽ بر -
ڪري ڳولها لڌي مون خاص خبر
آهي ذات اُها هڪ سائي پر -
ان ذات جا روپ هزار ڏٺم .

Gul Hayat Institute

# ڏيونداس ڪشناڻي "آزاد"

## ٻُڌ جهون

( ١ )

رت هليو ٻُڌ جو شهر ۾ ٿي خوشي گهر گهر اندر،
ٻڌ ڏسي گڏ گڏ ٿيو، هو نئون نظارو سر بسر،
رُوپوت جو ڄڻ ڪماريون ٿي نرڙل آيون نظر،
تي ڪئي ٻارن گلن جي ٻڌ مٿان ورکا سندر،
ٻار مان چمندي وهاريو رت اندر هڪ ٻار کي،
ٻڌ خوشيءَ ۾ چيو "ڏٺو مون اڄ عجب سنسار کي."

( ٢ )

اوچتي ٻڌ جي نظر پرپان پئي اِنسان تي،
هو بدن سارو ڪُٻو ۽ ڪين ڪپڙو جان تي،
هيون اَکيون ڪوڙن ۾ پيٺل، داغ ها پيشان تي،
لٺ ڪٺي ڏڏندو هليو ٿي ٿڙڪندو ميدان تي،
ماسَ ٻنِ ٻولو هڏن جو، باس جنهن ۾ گندگي؛
هو پڏو، ڏندن ٻنا ٿي زهر جنهنجي زندگي.

( ٣ )

جيڏي دنيا اندر خود موت جي مورت ٺهيو،
ساري دنيا جي گڏيل مرضن سندي صورت ٺهيو،
روڳ ۾ پر قيمت بدن تي، درد ۽ حسرت ٺهيو،
دل ڪنبائيندڙ ڀيانڪ هوُ ڀهوُ هيبت ٺهيو،
درد اِنسانيءَ حياليءَ تي تنوالي ٿي ڪئي،
موت جيوت جي نظاري تي مٺولي ٿي ڪئي.

( ۴ )

ٻڍڙي ڏسي اهڙو نظارو غم اندر غلطان ٿيو،
هن چما ڪان ٿي پڇيو ”ڇا هيءَ بہ ڪو انسان ٿيو؟
ڪهڙي آفت ۽ مصيبت جو دکي نيشان ٿيو؟
درد ۽ پيڙا ۾ ايڏو ڇو وري حيران ٿيو؟
درد مان دانهون ڪري هوُ موت کي سڏ ٿو ڪري؛
ڇا دنيا ۾ منش هن وانگيان جيءَ ۽ ٿو مري؟“

( ٥ )

سارٿيءَ گهوڙن کي روڪي پوءِ وراڻيو هيءُ جواب:
”اي منا مهنجا ڪنور! ساري دنيا آهي خواب،
ڪين جوين جو رهي هردم کليل تازو گلاب،
هي وڃارو ٿو سهي سارو ٻڍاپي جو عذاب،
ٿيل جيوت جي ڏئي مان هاڻ پوُرو ٿي چڪو؛
وقت ٻري ڪاري صرف، جڻ گل سمورو ٿي چڪو.“

( ٦ )

”اي ڪنور! هنجي سنبا ڇوُسي ڇڏي آ چور ڪال،
هو بدن جانثو اُگي ۽ هاڻ جنهنجو آ زوال،
جا مٺي ٿي زندگي سا زندگي آهي وبال،
ڪر حياتيءَ جو نہ شهزادا مگر ڪوئي خيال،
آهہ هي رستو هوا جو زندگي اِنسان جي؛
ڌرمشالا ٿي دنيا جڻ آهہ هيءَ مهمان جي.“

( ٧ )

”اي ڇما! ٿيندو جهڙڪو ڇا سرخ رنگ نازڪ بدن؟
خاڪ ٿيندءون ڇا ڪمارءون جالدي، گنگا، رتن؟
ڇا منهنجو نہ رهندو ٻرلم جنهن ۾ ٿيس مگهن؟

Gul Hayat Institute

لاش ٻن پراڻين جا ٻي دردي جلائيندي اَگ ؟
اي چِتا! ڇا ساري منش جو تو آهڙو حال ٿي؟
جو جڳ ٿو لهڻي ڇو غالب وري هي ڪال ٿي؟"

( ٨ )

جو جڳ سو ٿو مري وهنوار هيءُ سنسار جو،
موت ٿيندو مرد جو ۽ زال جو ۽ ٻار جو،
ڇو ڪارو هڻن اجل ڪان ڪين رشتيدار جو،
ڪو ٻچائي ڪين سگهندو، ڪين ڪم لڪار جو،
وهڪرو جيوت سندو وهندڙ نديءَ جي آ مثال؛
جو هلي لُڙهڪي هارڻ ڏي اُن ڪي روڪڻ آ محال.

( ٩ )

محل ۾ غمگين گوتم درد دل آهو ڪٽي،
ناچ نچڻين، سونهن گورن جي نه گوتم کي وڻي،
۽ يشودر ٿي ڏنو مايوس اچ پنهنجو ڌڻي،
ناز پنهنجي سان وري گوتم کي هرڪائي گهڻي،
ڇيو يشودر "راز دل جو مون پڌايو ڇو نه تا؟
درد مايوسي منا دل تان هٽايو ڇو نه تا؟"

( ١٠ )

"اي يشودر ڪين رهندو پريم جو گلشن چمن،
ڪين ٽڙندڙ مشڪندڙ دائم رهن سوسن سمن،
جهور ٿيندو تنهنجو ۽ منهنجو ٻيائپي ۾ بدن،
هن نفيسائيءَ لئي پوندو موت جو قهري ڪفن،
ڪين ڪَن هوندا ٻڌن جي بات تنهنجي پريم جي؛
بند ٿيندي اوچتي هيءَ لات تنهنجي پريم جي."

Gul Hayat Institute

( ١١ )

”پريم پينگهي ۾ لُڏي اَڄ ڳـر وڌون موجون هزار،
پريم رنگ ۾ ٿيون مڙو ۽ ڪاڻ ٿي دک جي سنيار،
پريم ڪي ڳـر ڪيون چمن جي اَڄ چمن سان گرفتار،
جي ڪٽون ياڪر ۾ منڙي ساھ ڳـڏجي بـار بـار،
شام جي رنگت ڳـلابـي، رات جڻ ڪاري لٽي،
عشق منهنجو ناز تنهنجو موت لڳن وڏو جهٽي.“

( ١٢ )

” ڪين پـرواه آهه ٿيو ڳـر هي بـدن سارو فـنا،
آهه ڇا جـي ناس ٿـيـو سنسار جـو سارو لـقـا،
مان ڪندس ڳولها وڃي جڻ پريم ٿي دائـم جـتـا،
مان لهان منڙي پشوڌر! هـن فنائيءَ ۾ بـقـا،
نينهن جو نـاتـو اسانجو جڳـ جڳان دائـم رهي؛
نينهن تنهنجو پـريـم منهنجو پـوءِ سدا قائـم رهي.“

# سدارنگاڻي خادم

## رباعيون

١- شعرن جو ڪتاب ۽ سمو فرصت جو-
ڪيئن شُڪر ادا ڪريان اِلهيءَ نعمت جو!
وِرليم نه اگرچ عمر ۾ سرڳ جي واٽ،
اَڄ ڀاڳمرادو ڏَر ڪليو جنّت جو.

٢- دنيا نه سڄو هڪڙي، آهي ميخانو،
جا سوجهو ڏيالي ٿيا، سا پيمانو؛
سڪ دڪ جو مِٺو ڪڙو منجهس آهه شراب؛
پي جام سدا مست رهو، مستانو!

٣- ميخاني ۾ آهيو آهيان سانگي سان،
رخصت ڏي رهي رات ٿڪاوٽ ۽ پيچان؛
اي ساقي! هٿ هلاءِ، ساغر ڏي ڀري،
ممڪن نه جو مان ڀُڪ ۾ ٿي پي پڻ پوان.

٤- ڪجهه رات وڌڻ بعد چڙهيو آهه خمار،
پر خشڪ لبن ڪاڻ کپن جام هزار،
ساقيءَ جي گلرنگ اکين جو سوڳند،
پِئندا سين، ٿي جيسين اوڀر گلنار.

٥- مون، پوهه جي پاري ۾، پهاڙيءَ تي آيو،
هڪ صبح، اُگهاڙو، ڪو آلو لوڪ ڏٺو؛
وسمه ۾ ڏِسي مونکي، چيائين مُرڪي:
ڇو، عشق جي ڪُوري تي نهي ٿو ڪپڙو؟

٦- اَک، لعل هجي، چهرو مگر زرد هجي،
دل گرم هجي، آه مگر سرد هجي،
عاشِق جي ڇا دنيا وارن سان ريس!

پنهنجي لاءِ اڪيلائي هجي، درد هجي.

٧- سمجهاءِ موکي: ڇاهه فنا، ڇاهه بقا؟
تو ڪيئن مري، ڪنهن سان ملي هڪ ٿي، ادا؟
ميلاپ ٿئي ٿو جي وڇوڙو ڪو هجي،
هڪ ٿي ٿو ملي ڪنهن سان، ڪنهن کان ٿي جدا؟

٨- سمجهين نه تون ڪنهن شيءِ کي هتي ناهه بقا،
اَڄ جي نه، سڀان وينديءَ ٿي آخر ۾ فنا!
مورک! پوءِ ڪرين ڇا جو تون دنيا ۾ غم؟
خود غم به جڏهن ويندو وٺي وات اِها!

٩- ٿا جنهنکي چئون عمر سا هڪ آهه ڪتاب؛
هر سال سندس آهه نرالو هڪ باب؛
هي اَڄ جو ورق، ڪالهه کي روشن ٿو ڪري،
آئيندي جو پڻ آهه اِنهيءَ منجهه جواب.

١٠- داتا نه ڪري پنهنجو ڪَرَمُ، پنهنجي سخا،
همت پير اکيون مغز ڪيا توکي عطا،
پر حيف جو ڪو فائدو تنهنجو نه وٺي،
ڳٽڇور! ڪرين شڪر جي بدلي ٿو گلا!

١١- تنهنجا ٿي سِتم توکي ڏکائيندس نيٺ،
اِنصاف به تو هٿان ٿي پائيندس نيٺ،
ظالم ۽ عادل نه سُڀهي جهڙءِ ڪو،
ڏوهي ۽ اَمين توکي ڀٽائيندس نيٺ.

١٢- سجدي ۾ جڏهن پنهنجو ڪيم سر اَڄ خم،
'تون' 'مان' جا سَندا ٿي ويا گم يڪدم؛
قطرو نه رهيو قطرو، ٿِڪي بحر ٿي بحر،
چوڌاري هو نُور ۽ اَڄ جو عالم.

## پرڀو چڱاڻي "وفا"

# زندگي

جوانيءَ جو پيو نانءُ آ زندگاني
اِها آهه دريا جي موج ۽ رواني
آ سا زندگي جنهن ۾ زنده دلي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

بنا حسن جي هستيءَ بيان آهي
بنا روشنيءَ جو شمعدان آهي
۽ موتيءَ بنا سمنڊ ۾ هڪ سپي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

بنا پيار ڪشتي آ جڻ بي سهاري
نه جنهن کي ڪڏهن پيو ڇهيو آ ڪناري
هي غنچو آ جنهن ۾ نه مشڪي ڪلي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

اِها زندگي هڪ مڌر پياس آهي
ٽٽل دل جي غمگين هڪ آس آهي
اِها واسنا جي مٺي چاشني آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

اِها آرزو آ، ترقي آ ۽ ڪوشش
اِها آهه انسان لاءِ آزمائش
اِها آتما لاءِ هڪ ڪسوٽي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

Gul Hayat Institute

آ ساگر وچالا جتي چار آهن
جتي من جون مڇليون گرفتار آهن
اِها نفس جي خوبصورت ڪنڊي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

اِها آهه گجگوڙ ۽ گڙ گڙاهٽ
درختن ۾ بيچيني آ ڪڙ ڪڙاهٽ
اِها ڪنوڻ جي خوف ۽ بي دلي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

پهاڙن جي اوچائين تان لهي ٿي
۽ وادين جي گهرائين مان وهي ٿي
ڪنهن منزل ڏي پهچڻ لاءِ وياڪل ندي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

هتي هار ۾ هڪ جي ٻيو جيت پائي
مصيبت ۾ هڪ جي ٻيو موج لائي
خوشي غم ۽ غم هڪ جو ٻئي لاءِ خوشي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

اِها ڪنوار جي مک تي ٿي مرڪ ٻڌي
۽ ودوا جي نيڻن اندر لڙڪ ٻڌي
اِها مرڪ آنسن جي نازڪ جهڙي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

اِها زندگي پُن ۽ پاپ آهي
بُرائي ۽ ڀلائي جو ميلاپ آهي
اِهو ديو پڻ دشت پڻ آدمي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

Gul Hayat Institute

شَهد آ مگر تلخ ئي ۽ ٻيو مليل آ
آ لذّت ڀري زهرِ شيءِ ٻي مليل آ
اِها درد آ پڻ دوا درد جي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

هي اَنجام آهي ڪ آغاز آهي؟
اَزل کان ابد تائين هڪ راز آهي.
اِها آ ڳجهارت نہ ڪنهن ٻي سَلي آ
اِها زندگي آ اِها زندگي آ.

Gul Hayat Institute

# هري دلگير

## ٻه گيت

### سک نگري سنسار

١- هير ڏکڻ جي مَن- موهن جيان منڙي ٻين وڄائي،
پُهپ لتائن کي گوپين جيان مُڌر ناچ نچائي،
ڪوئل ڳائي،
دل لهرائي،
جهولي ٿي هر نار- سک جي نگري هيءَ سنسار.

٢- چندر- پري نيلم ماڙيءَ مان، مُرڪي هيٺ نهاري،
پريم اُمنگ ڀري سيني ۾، ساگر لهرون ماري،
ڳائن ڇوليون،
ٻولن ٻوليون،
ڇيڙن دل جي تار- سک جي نگري هيءَ سنسار.

٣- "ساوڻ- راڳ" آيو، ڪوليا سارنگ ساز سمُورا،
"ٻوڪا- اَمبر" وار اُڪيلي، پالا ڇم ڇم نُورا،
ڦُندون ٻرسن،
ڇيرڙون ڇمڪن،
مڌر مڌر جهنڪار- سک جي نگري هيءَ سنسار.

٤- سک- سنديش ڏئي ٿو تارو، جنهن گگن ۾ ٽمڪي،
"نراشا جي رات وڃڻ سان، آشا سورج چمڪي."
نيارو نيارو،
پيارو پيارو،
ڏي آنند اَپار- سک جي نگري هيءَ سنسار.

٥- ڪٿي نہ ڪٿي مان ڪيچ ڪري ٿي، ماتا پوُنءِ پلاري،
آهہ آد ڪان دان اکٽ ٿيو، داتا جو همت جاري،
رزق جو رازق،
ڪُل جو خالق،
سائيـن سرجڻهار - سڪ جي نگري هيءَ سنسار.
٦- سوڀيا - واٽ پٽي پساٽي، نرمل نوُر نظارو،
پرام - پوري، سنگيت - پُري، آنند - پُري جڳ سارو
نيڻهن نرالو،
مَن متوالو،
جڳ ۾ سرڳ جو دٺار - سڪ جي نگري هيءَ سنسار.

## اِنسان

تون اوُچو اِنسان، جڳت ۾ تون اوُچو اِنسان!
١- تنهنجي پيرن هيٺ هماليہ، جھُڪي ڪري پرنام،
آسمان جو چنڊ بہ نِڙي، توکي ڪري سلام،
نيلي اُڀ ۾ ڊوڙون پائين،
جھولي پنهنجي ڪي جھوُلائين،
شاهي تنهنجو شان، جڳت ۾ تون اوُچو اِنسان!
٢- طوفانن جي رخ کي موڙين، روڪين سمنڊ اٿاهہ،
بجليون برساتون تابع ڪرين، او شڪتيءَ جا شاهہ،
ڦرڙي ڦرڙي ۾ بجلي لوڪان،
اَٽي اَٽي ۾ شڪتي لوڪان،
ڦرڪين ٿو ڇا جان! جڳت ۾ تون اوچو اِنسان!
٣- قدرت ڌرتي ناهي، پر سا توکان سرڳ دٺار،
رستا ناهين، محل بڻائين، چمن هڻين چوڌار،

ڏر لــي ڪيڙيــن، اَن اُپــائين،
گلن ڦلن جـــي جهر مــر لائين،
تون قدرت جو ڪان، جڳت ۾ تون اوچو انسان!

٤- هيرا لعل لڪايا قدرت، توڪي تن جـــو اَنت،
تن کي ڪاڍي، تا هي تُو هي، بخشين سونهن اَننت،
نبيون ڏئـي موڙي تـــو آڻين،
جڳـــ ۾ چڙا جوڙي لـــو آڻين!
نرمل نُو ر- نشان، جڳت ۾ لــون اوُچو انسان!

٥- تو کان جڳـــ ۾ سنگتراشي، چتر ڪلا ۽ گيـــت،
ڳائين، جهومين، مـوج مچائين، لهرائين سنگيت،
جيئون ۾ آيــو جـــس توکان،
تـــوُ جيون ۾ نـــوُ رس توکان،
ڌُ هرو تنهنجو دان، جڳت ۾ تون اوُچو انسان!

Gul Hayat Institute

## نارايڻ شيام

# ٽي چوڏسيون (Sonnets)

## ١- فرصت غنيمت

گلن جو پارو، صراحي ۾ وچ ۾ آهه رکي
اَڪيلي سر ٿِي پيان جي نه آ هم صحبت
ٻيو جي ڪين، ڏيان تو چنڊ کي ٿِي دعوت
اُهو ۽ مان ۽ سندُم پاڇو، ٽن جي محفل ٿِي!

وجود پاڇي جو ڪھڙو، وٺي ته چنڊ چُڪي
مگر وڃائِي ڪھڙي طرح هٿان فرصت
ٻيو ٻِيو هلي هلندو بهار ڳچ مدّت؟
ڏنائون جهڙي ۽ محبت اها قبول ڪجي!

فلڪ تان نَڪُتري ٻڌي چنڊ جڏهن ڪلان ڳاڻان
نچان ته پاڻهي مون ساڻ گڏ نچي پاڇو
اِئين انهن سان پُڻ وقت پاڻ وندرايان
پيٺڻ کان پوءِ سڀن جو جدا جدا رستو -
۽ سڀن لوڪ ۾ گڏجون وڃي وري جيسين
اننت شانت ۾ بس ٿِيئي گم رهون ليسين!

## ٢- تارن ڀري رات

راس ڪيڏي شانت ۽ آنند ۾ ٿِي راڏڪا!
ننڊ ڇڏ، اُٿ، ڏس ته ڪئن جهرمر ڪري ٻينا مٿان
ٽمڪندڙ ديپڪ ستارن جا وشال آڪاش مان
پرتوي ۽ روشن ڪيا ڳچ ڪٽڪيئن جا ڏِئا،
مولتي جا ڦول جهونٽيڪ ڏسجن ڪين تا
پرِ فضا مهڪي رهي لنجي لکي سرهاڻ سان

Gul Hayat Institute

راحت جي هيءَ شانت پيي پاسي ٿي منڙي گيت جان
آ، منهن سُرهين گهڙين ۾ آ، وڃاڻون راس ڪا!

جا ۾ حاصل ٿي سگهي آهي خوشيءَ جي سا گهڙي
ڏينهن جو فرصت جي ناهي، راحت جا چوراڻون پَلَ
پيو ڪري، چهڪاءِ پاڻل، مان وڃان ٻسري!
ٻسريءَ جي ڏن، جهڙن پاپل جي؛ مَن جي اُڇل
هيءَ گهڙيءَ ٻن جي سڀ پر پوءِ پِيي آهي خوشي
آهي هر اَهڙي خوشي اَبدي خوشيءَ جي ٿي اُٿل!

## ٣- سنڌري

گڏجندي ٿيي جا اکڙين جي چوڻ ٿي ٿي نهي
سون ورني نار! تون آهين مِٺي اَن مُرڪ جان،
موڪلائيندي اکڙين جي اکين ۾ جو اَڇي
تون نفيس آهين سراپا اي مِٺي، اَن لڙڪ جان!

نند جان نيڻن ڪي وس ٿي تنهنجي سنڌرتا ڪري
جا نه اَن آڏو پکيڙيو وس بڏل سپڻن جو جار
سرس چنچل دل ۾ هڪ اَحساس آلس جو پري
جانڻجي هر انگ ٿي راحت جو الهيلو غبار!

ڪٿي نه اُن ويچار اينڌي دل ۾ جاڳن ولولا
تنهنجي ان جادو ڀريل نيڻن ڏي شل هر هر ڏسان
ها، انهن جادو ڀريل متوالي نيڻن ڏي سدا
شل ڏسان، هر هر ڏسان، ڏسندو رهان!
خواب سونهري بڻي نيڻن ۾ اُٿيرءَ سندري!
چاهه ٻڌجي دل جي ڌڙڪن ۾ سمائيرءَ سندري!

Gul Hayat Institute

## شيخ اياز

### گيت

پيئو، پيئو، پيئو، ڙي يار!
جيئو، جيئو، جيئو، ڙي يار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!
ڏينهن نه ساڳيا، نينهن نه ساڳيا، منڊ نه ساڳي، مينهن نه ساڳيا
ڪنهن جا ڪنهن سان ڏک ساريندءِ؟ ڪيسين گذريءَ ۾ گهاريندءِ؟
هيءَ آ وِهُ جو وِهُ لئي وار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!
چنڊ نه ساڳيو، رات نه ساڳي، بوند نه ۽ برسات نه ساڳي
هر شيءِ ۾ ڪا ياد رهي ٿي، ڏاهپ جنهن جا ڏنگ سهي ٿي
ڏک جي ڏولي سک جو سار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!
روپ نه پَل لاءِ، رنگ نه پَل لاءِ، سات نه پَل لاءِ، سنگ نه پل لاءِ
هار نه پل لاءِ، جيت نه پل لاءِ، منڙا منڙا ميت نه پل لاءِ
جَڳُ، ٿي پل جو آهه پسار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!
پيار پکيئڙو هو پرڏيهي، آهو هو پِيري ۾ پيهي
اڄ جو اڏري ويو نه ٿئي پار، ڇو نه پکيئڙو پيا ڪي جار؟
ڪيئي پکيئڙا لک هزار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!
مکڙيون مٺڙي ڀير لڳايو، مستيءَ ڇڙڪايو، ساز وڄايو
ناچ وجهو، گهنگهرو ڇمڪايو، ڳايو، ڳايو، غم کي گهايو
ٺَهڪو، ڇَهڪو، ٻَهڪو يار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

## ارجن شاد

### بهار

هوا ۾ ڪنهن لئه ملائي چڙهيو شراب آهي!
سين لي ڪنهن جي تي يڪسان اڄ عنايت آ؟
غريب لوڙي غني - اڄ اُنهن جي اکڙن ۾
نشو سمايو آ جنهن جو نه ڪو حساب آهي
هوا ۾ ڪنهن لئه ملائي چڙهيو شراب آهي!

سنبل هر روح اُئين جهڪ روح هوئي ڪونه
وجود اُن جو اُچي ئو سچيءَ فضا ۾ نظر
پلاهي ڪهڙي حسين نازنين جو آنچل هو
چهاءِ جنهن جي ڪان جهڙ ذري ذري روح اندر
اُٿيو ڇا جوش محبت جو اضطراب آهي
هوا ۾ ڪنهن لئه ملائي چڙهيو شراب آهي!

بهار مرڪندي آئي .... ذرا نظر لئه وراءِ
دلين ۾ زندگي آئي .... ذرا نظر لئه وراءِ
حيات خشڪ ۾ مچلي اُٿيو شباب آهي
هوا ۾ ڪنهن لئه ملائي چڙهيو شراب آهي!

ڪلين ۾ جوش جوانيءَ جي اڄ اُڇل ڪاڏي
حسين چهرا ڪٽي قرل مرڪندا نڪتا
ملين ڏسڻ جي لاءِ بلبل تي بيقرار گهڻي
پکين جي لاءِ نئين - پريم جي پڪار نئين
اَناُ جوش مسرت ڪان جهڪ ڦاٽي تو

Gul Hayat Institute

جوان آڙُو ڇوي ٿو لڳي، ڪو ڇني مونکي
زمين پنهنجي جواني ڇپائي ڪين سگهي
نديءَ جي سيني جي جذبات بي نقاب آهي
هوا ۾ ڪنهن لءِ ملائي چڙهيو شراب آهي!

بشر بشر لڳي جماليو آ پنهنجو رنگُ بهار
خموش پيار ۾ آندو لئون اُمنگ بهار
سين جو ڇيڙي چڙهيو آهي، انگ بهار
هزار شڪر جو اَڄ رُت بسنت جي آئي
ڪيو آ منهنجي لءِ ڇا ڇا نه شاد موسم اَڄ
پلاهو عرصي ڪان پوءِ دلربا حجاب آهي
هوا ۾ ڪنهن لءِ ملائي چڙهيو شراب آهي!

Gul Hayat Institute